Trōcaire

LHDP

# Sindh Irrigation Act 1879

# سنڌ آبپاشي ائڪٽ، 1879ع

## سنڌي ترجمو



لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام (ايل ايڇ ڊي پي)

تعاون: ٽروڪيئر

## لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام (ايل ايڇ ڊي پي)

غير منافع بخش، غير سرڪاري، انساني ترقي جو رجسٽرڊ ادارو آهي. جيڪو اپريل 2006ع ۾ ٺهيو حڪومت پاڪستان جي سوسائٽي ايڪٽ 1860 موجب 1 جولائي 2006 ۾ رجسٽرڊ ٿيو.

قدرتي آفتن جي نقصانن کي گهٽ ۽ روڪٿام لاءِ رٿابندي ڪرڻ ، آفتن دوران متاثرن جي سهائتا ڪرڻ ۽ اهڙن منصوبن تي عمل درآمد لاءِ ڳوٺاڻي سطح تي موجود امڪاني خطري جي زد ۾ انساني آبادي کي جاڳرتا ۽ فني صلاحيتون ڏيڻ کان علاوه انهن کي متحد ڪرڻ ،پائيدارترقي جي جاکوڙ ڪرڻ جي صلاحيت کي اجاڳر ڪرڻ،موسمي تبديلين جي پيش نظر پائيدار روزگار، خوراڪ جي تحفظ ۽ قدرتي وسيلن جي بهتر انتظام ڪاري لاءِ جامع منصوبابندي ڪرڻ ۽ بنيادي انساني حقن جي حاصلات لاءِ لاڳاپيل ڌرين سان گڏجي پاڪستان خاص طور سنڌ صوبي ۾ پاڻ پتوڙي رهيو آهي ته جيئن آفتن جي زد ۾ ايندڙ علائقن جي آبادي کي مناسب ترقي جي راه ڏانهن گامزن ڪري سگهجي.

ايڊريس: گهر نمبر 91/92 سامهون سادات ڪالوني، ويجهو سيشن ڪورٽ
علي ٽائون بدين سنڌ     فون نمبر 0297870682
website: www.lhdp.org.pk     email: info@lhdp-pakistan.org

# Sindh Irrigation Act 1879

# سنڌ آبپاشي ايڪٽ 1879ع

## سنڌي ترجمو

ڇپائيندڙ:

**لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام** (LHDP)

تعاون:

**ٽروڪيئر**

# پيش لفظ

انگريز سرڪار نندي ڪندي تي حڪمراني ڪانپوءِ سرڪار جي ڪاروهنوار ۽ عوامي مفادن ۽ ڀلائي لاءِ صوبائي سطح تي مختلف قانون، قاعدا ۽ ضابطا جوڙيا جن مان هڪ سنڌ ايريگيشن ائڪٽ 1879ع آهي. اهو قانون بنيادي طور سنڌ جي پاڻي جي وهڪرن، ڍنڍن، زخيرن، جر، نيڪالي جي نظام وغيره جي جوڙجڪ، فراهمي، سار سنڀال، انتظام ۽ انهن بابت حقن، فرضن، ذميوارين، اختيارين ۽ وصولين جي باري ۾ قانوني طريقن کي بيان ڪري ٿو. هي هڪ قديمي قانون آهي جنهن ۾ وقت جي ضرورت موجب مختلف ترميمون ڪيون ويون آهن. هن قانون جي اصل ٻولي انگريزي آهي جڏهن ته سنڌ صوبي ۾ گهڻي ڀاڱي سنڌي لکي، پڙهي ۽ سمجهي وڃي ٿي جنهن سبب اسانجو عام آبادگار، هاري ۽ آبپاشي کاتي جا ننڍا ملازم هن قانون جي انگريزي ٻولي کي پڙهي ۽ سمجهي نه ٿا سگهن ۽ عام ماڻهو کي طريقيڪار، حقن ۽ ذميوارين جي صحيح ڄاڻ نٿي ملي.

ايل ايچ ڊي پي (غير سرڪاري ادارو) اها ڪاوش ڪئي آهي ته هڪ قديمي قانون جو سولي سنڌي ۾ ترجمو ڪرايو ته جيئن عام آبادگار، هاري ۽ آبپاشي کاتي جا ملازم انهيءَ قانون کي سٺي ريت پڙهي ۽ سمجهي سگهن ۽ پنهنجي فرضن ، حقن ۽ ذميوارين کي سٺي نموني نڀائي سگهن. اهو ترجمو رهنمائي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندو پر انهيءَ کي ڪنهن به قانوني فورم ۽ ڪورٽ ۾ پيش نه ڪري سگهبو.

سيڊا ۽ نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ، ايل ايچ ڊي پي جي ان ڪاوش کي ساهرائي ٿي ۽ اميد ٿي ڪري ته عوامي آگاهي ۽ ماڻهن ۾ شعور جي بيداري واري هي سلسلو جاري رکندي ايندي ته جيئن اسان جا آبادگار، هاري ۽ آبپاشي کاتي جا ننڍا ملازم ان لاڀ پرائي پنهنجا انتظام بهتر ڪري سگهن.

**رشيد مهر**
جنرل مئنيجر
فنانس، ايڊمنسٽريشن ۽ ڪسٽمر رليشنز
نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ / سيڊا
ميرپورخاص

# اداري پاران

سنڌ ۾ هن وقت ٽوٽل 14 ڪئنال آهن جن مان ٽن تي سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) سيڊا آرڊيننس 2002 تحت ڪم ڪري رهي آهي. جڏهن تہ باقي يارهن ڪئنال سنڌ جو آبپاشي کاتو 1879ع ائڪٽ تحت سنڀالي رهيو آهي. ان ڏس ۾ چئي سگهجي ٿو تہ هي هڪ مستند ڊاڪيومينٽ آهي جيڪو آبپاشي کاتي جي آفيسرن، عملدارن ۽ آبادگارن جي رهنمائي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري ٿو. ايل ايچ ڊي پي ڪجهہ وقت پهرين سيڊا آرڊيننس 2002 جو سنڌي ترجمو ڪرايو هو جنهن کي سيڊا، نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ ۽ آبادگار تنظيمن طرفان تمام گهڻو ساهرايو ويو. شعور ۽ آگاهي واري انهيءَ سلسلي کي اڳيان وڌائيندي ايل ايچ ڊي پي سنڌ ايريگيشن ائڪٽ 1879ع جو هي سنڌي ترجمو توهان پڙهندڙن آڏو پيش ڪري رهي آهي، تہ جيئن اسان جا آبادگار دوست ۽ آبپاشي کاتي جا ننڍا ملازم ان مان لاڀ پرائيندي ۽ قانوني گهرجن کي سمجهندي پنهنجي آبپاشي سان لاڳاپيل انتظامن کي بهتر ڪري سگهن. هن ڪتاب جي ترجمي ۽ تصيح لاءِ ادارو نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ ۽ سيڊا جي دوستن رشيد مهر، سڪندر مگريو ۽ علي آڪاش جو ٿورائتو آهي جنهن هن ڪتاب جي قانوني نقطن کي سمجهندي ان جو سليس ۽ سولي سنڌي ۾ ترجمو ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪئي. اميد تہ اسان جي هي ڪاوش توهان سيني پڙهندڙن کي پسند ايندي.

**ادارو**

# سنڌ آبپاشي ائڪٽ، 1879ع

## (1879ع جو سنڌ ائڪٽ نمبر: ست 1) *

**تاريخ:** 2 آڪٽوبر، 1879ع

**هڪ ائڪٽ**

**(2)سنڌ جي صوبي ۾ آبپاشيءَ جي بندوبست لاءِ**

**تهميد:** جيئن تہ (2)[سنڌ جي صوبي] ۾ ڪئنالن جي تعمير، سار سنڀال ۽ انهن جي انتظام هلائڻ، ۽ اُتان ڪان پاڻي فراهم ڪرڻ ۽ فراهم ٿيل پاڻيءَ جا اگهہ لاڳوڪرڻ لاءِ بندوبست ضروري آهي، تنهنڪري اهڙو بندوبست هيٺينءَ ريت عمل ۾ آندو ويو آهي:

## پاڳو پهريون

### ابتدائي

1. **مختصر عنوان:** هن ائڪٽ کي (3)[سنڌ] آبپاشي ائڪٽ 1879ع سڏيو ويندو.
**مقامي حد:** اهو (4)[سموري سنڌ صوبي] تي لاڳو ٿيندو.

.2 [سنڌ لئنڊ روينيو ڪوڊ 1879ع جا ترميم ڪيل سيڪشنَ 55، 101 ۽ 105ترميم ڪيل]، جنهن جي جاءِ تي سنڌ جي قانونن (موافقت، نظرثاني، منسوخي ۽ اعلان) گڏيل، 1955ع، (1955ع جو سنڌ سيڪشن: 5)، سيڪشن 6، شيڊيولIIآندو ويو.

*(1) اي او 1937ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*
*(2) اي او 1937ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*
*(3) اي او 1937ع وسيلي "G. in C" جي جاءِ تي آندل.*
*(4) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012ع (2013ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*
*(5) 1886ع جي سنڌ جنرل ڪلازز ائڪٽ (1886ع جي سنڌ 3)، شيڊيول بي. وسيلي لفظ "مطلب ضلعي جو مک روينيو آفيسر" وسيلي تبديل ڪيل.*

3. **تشريحي شقون**: هن ائڪٽ ۾، جيستائين موضوع يا تناظر ۾ ڪا شيءِ ناگوار نہ هجي:

(1) ڪئنال ۾ شامل آهن:

(اي) اُهي سڀ ڪئنال (1) [ٽيوب ويل] ۽ ذخيرا، جيڪي پاڻيءَ جي فراهميءَ يا ڪوٺ لاءِ (2)[ڪابہ حڪومت] تعمير ڪري ٿي، انهن جي سار سنڀال لهي ٿي يا انهن جو انتظام هلائي ٿي.

(بي) اُهي سڀ ڪمَ، بند، ڍانچا ۽ فراهمي ۽ پاڻي نيڪال جا چئنلَ، جيڪي ڪئنالن، چئنلن جي پائيپن ۽ ذخيرن سان جڙيل آهن، ۽ اُهي سڀ رستا، جيڪي اهڙن ڪئنالن، چئنلن، پائيپن ۽ ذخيرن جي سهولت جي مقصد سان تعمير ڪيا ويا آهن.

(سي) اُهي سڀ واٽر ڪورس، پاڻيءَ جي نيڪال جا ڪمَ ۽ ٻوڏ جا بندَ، جن جي، هتان اڳتي ڪان، ترتيب وار تشريح ڪئي وئي آهي.

(ڊي) نديءَ، وهڪري يا ڍنڍ، جر جي پاڻي، پاڻيءَ جي فطري ذخيري يا قدرتي پاڻيءَ جي نيڪال جي چئنل جو ڪوبہ حصو، جنهن تي (4)[صوبائي حڪومت] سيڪشن 5 جا بندوبست لاڳو ڪندي هجي يا جنهن جو پاڻي، ڪنهن موجوده ڪئنال جي مقصد لاءِ هن ائڪٽ جي منظور ٿيڻ کان اڳ ۾ استعمال ڪيو ويو هجي.

(اِي) (5)[حڪومت] سان تعلق رکندڙ سموري زمين، جيڪا ڪنهن بہ ڪنڌيءَ تي موجود آهي، جنهن جي تشريح اڳتي ڪئي وئي آهي ۽ جيڪا اهڙي ڪئنال جي مقصد لاءِ ڪنهن (2)[حڪومت] جي حڪمن هيٺ قبضي ۾ ورتي ويئي آهي.

---

1. 1969 ع جي ڊبليو پي آرڊيننس. 38، سيڪشن 2 (i)وسيلي شامل ڪيل.
2. اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.
3. 1969 ع جي ڊبليو پي آرڊيننس. 38، سيڪشن 2 (ii)وسيلي شامل ڪيل.
4. اي او 1937 ع وسيلي "G. in C"جي جاءِ تي آندل.
5. 1964 ع جي ڊبليو پي اي او. سيڪشن. 2 . شيڊيول پي ٽي IV(بي) وسيلي لفظ "the Crown" جي جاءِ تي آندل، جنهن کي اي او 1937 ع وسيلي اڳي لفظ "Government"جي جاءِ تي آندو ويو هو.

(2)**“واٽر ڪورس”** جو مطلب آهي، اهڙو چئنل يا پائيپ، جنهن جي سار سنڀال (1)[صوبائي حڪومت] جي قيمت تي نہ ڪئي ويندي آهي. اُن ڪي ڪئنال منجهان پاڻيءَ جي فراهمي ٿيندي آهي، ۽ اُن ۾ اهڙي چئنل يا پائيپ جا سڀ امدادي ڪم شامل هوندا آهن، سواءِ پاڻيءَ جي دروازي (Sluice)۽ موگهي جي، جنهن وسيلي اهڙي چئنل ۽ پائيپ ڪي ڪئنال منجهان پاڻي فراهم ڪيو ويندو آهي.

3. **“پاڻيءَ جي نيڪال جو ڪم”** جو مطلب (2)[حڪومت] پاران جوڙيل يا سڌاريل آبپاشيءَ يا بازيابيءَ جو نظام آهي، جيڪو سيڪشن 15 يا ڪنهن ٻئي بندوبست هيٺ، ملڪ جي پاڻيءَ جي نيڪال جي مقصد لاءِ هوندو آهي، ۽ ان ۾ ڪئنال مان پاڻي ڇنڊڻ وارا چئنل، ڊئم، ذخيرا، بند، پاڻيءَ جا در، پُشتا ۽ ٻيا لاڳاپيل ڪم شامل هوندا آهن، پر ان ۾ شهرن جي گندي پاڻيءَ جي نيڪال جا ڪم شامل نہ هوندا آهن.

(4) **“ٻوڏ جو بند”** مان مطلبُ ٻوڏ کان زمينن کي بچائڻ لاءِ آبپاشيءَ يا بحالي جي ڪنهن نظام سان جڙيل اهو بند آهي، جنهن جي تعمير ۽ سار سنڀال (2)[حڪومت] ڪئي هجي يا (3)[صوبائي حڪومت] اهڙي ڪنهن نظام جي سلسلي ۾ اُن جي سار سنڀال جو اعلان ڪيو ويو هجي، ۽ ان ۾ اهڙن بندن سان لاڳاپيل سڀ پشتا، اسپر،جڪ، ڊئم ۽ ٻيا بچاءَ وارا ڪم شامل آهن.

(5) (4)**[ڪليڪٽر]**(5)[***] ، اِهو آفيسر آهي، جيڪو هن سرڪاري حڪم نامي يا ائڪٽ جي مدد سان

*(1) اي او 1937 ع وسيلي لفظ “حڪومت” جي جاءِ تي آندل.*

*(2) اي او 1937 ع وسيلي لفظ “حڪومت” جي جاءِ تي آندل.*

*(3) اي او 1937 ع وسيلي “ “G. in Cجي جاءِ تي آندل.*

*(4) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي “ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

*(5) 1886 ع جي سنڌ جنرل ڪلازز ائڪٽ (1886 ع جي سنڌ 3)، شيڊيول بي. وسيلي لفظ “مطلب ضلعي جو مک روينيو آفيسر” وسيلي تبديل ڪيل.*

(1)[صوبائي حڪومت] جو مقرر ڪيل هوندو آهي ۽ (2)[ڪليڪٽر] جي مڙني اختيارن کي استعمال ڪندو آهي.

(6) **"ڪئنال آفيسر"** جو مطلب اهڙو آفيسر آهي، جيڪو قانوني طرح مقرر ڪيو ويو هجي يا سيڪشن 4 هيٺ ڪيس اختيار ڏنا ويا هجن.

(7) **"مالڪ"** ۾ اهڙو ماڻهو شامل آهي، جنهن جو ڪنهن مخصوص شيءِ جي مالڪيءَ ۾ گڏيل دلچسپي هجي: ۽ هن ائڪٽ جي بندوبستن هيٺ جيڪي مالڪ سان حق ۽ فرض لاڳو ٿين ٿا، اُهي گڏيل طور ۽ سخت نموني انهيءَ هر ڪنهن ماڻهوءَ کي لاڳو ٿين ٿا، جن جي مالڪيءَ ۾ گڏيل دلچسپي آهي.

4. **ڪئنال آفيسرن جي مقرري**:(1)[صوبائي حڪومت] يا اهڙا حڪمن ماتحت جيڪي مختلف وقتن تي [صوبائي حڪومت] (3) جاري ڪري ٿي، ڪوبہ [رياست جو ملازم] جنهن کي هن ڏس ۾ اختيار ڏئي ٿي، سي:

(اي) اهڙن (5)آفيسرن کي اهڙن عهدن تي مقرر ڪري سگهن ٿا، ۽ انهن کي هن ائڪٽ هيٺ لاڳاپيل اختيار ۽ فرضَ اُن نموني ڏئي سگهن ٿا، جنهن نموني حڪومت يا آفيسر ان کي صحيح سمجهي.

(بي) (5)ڪنهن (4)[رياستي ملازم] کي شخصي طرح يا ڪيس عهدي جي لحاظ کان، يا ڪنهن ٻئي شخص کي، هن ائڪٽ هيٺ اُن نموني اختيار ڏئي سگهجن ٿا يا فرض عائد ڪري سگهجن ٿا.

1. (1) اي او 1937 ع وسيلي "G. in C" جي جاءِ تي آندل.
2. (2) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.
3. (3) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.
4. (4) 1964 ع جي ڊبليو. پي. اي. او، سيڪشن 3، شيڊيول _ IVبي، جنهن کي اڳي اي. او 1937 وسيلي "حڪومت جي آفيسر" لاءِ تبديل ڪيو هو، وسيلي "Servant of the Crown" لفظن جي جاءِ تي آندل.

جنهن نموني (1)حڪومت يا اهڙو آفيسر ان کي صحيح سمجهي.
شرط اهو آهي تہ هن سيڪشن هيٺ ٺاهيل اختيار يا فرض سان لاڳاپيل سپردگي ۽ سيڙپ، انهيءَ اختياري، جنهن اُن کي ٺاهيو آهي، ڪنهن بہ وقت، منسوخ يا تبديل ڪئي هجي.

# ڀاڱو ٻيو

## ڪئنالن جي تعمير ۽ سار سنڀال جي باري ۾

*ڪئنالن جي مقصدن لاءِ پاڻيءَ جو واهپو*

**(5)ڪئنال جي مقصدن لاءِ لاڳو ٿيندڙ پاڻيءَ جي فراهميءَ مهل نوٽيفڪيشن**:جڏهن ته (2)[صوبائي حڪومت] کي اهو ضروري لڳي ته ڪنهن نديءَ جي پاڻي، قدرتي چئنل ۾ وهندڙ وهڪري، يا ڪنهن ڍنڍ يا ڪنهن متاچري پاڻيءَ جي ٻئي قدرتي ذخيري (3)[يا ڪنهن زير زمين پاڻي] کي، ڪنهن موجوده يا رٿيل ڪئنال لاءِ (2)[صوبائي حڪومت] کي لاڳو يا استعمال ۾ آڻڻ گهرجي ته (2)[صوبائي حڪومت] (4) سرڪاري گزٽ ۾ هڪ نوٽيفيڪيشن وسيلي اهڙو اعلان ڪري سگهي ٿي ته ڄاڻايل پاڻي، ڄاڻايل نوٽيڪيشن ۾ ڏنل تاريخ کان پوءِ اهڙي نموني لاڳو ۽ استعمال ڪيو ويندو، جيڪو نوٽيفڪيشن جي جاري ٿيڻ جي تاريخ کان ٽن مهينن کان اڳ نه هوندو.

## زمين ۾ داخلا ٿيڻ جا اختيار

**(6) پاڻيءَ جي فراهميءَ کي اهڙي نموني لاڳو ڪرڻ جي مقصد لاءِ ڪئنال آفيسر جا اختيار**: ڄاڻايل ڏينهن کان پوءِ، ڪنهن به وقت، ڪوبه ڪئنال آفيسر جائز نموني ڪنهن زمين ۾ داخل ٿيڻ، ڪنهن به رڪاوٽ کي ختم ڪرڻ، چئنل کي بند ڪرڻ ۽ ٻئي ڪنهن شيءِ يا عمل ڪرڻ لاءِ بااختيار هوندو، جيڪو ڄاڻايل پاڻيءَ کي لاڳو يا استعمال ڪرڻ جي لاءِ

1. *(1) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*
2. *(2) اي او 1937 ع وسيلي "G. in C" جي جاءِ تي آندل.*
3. *(3) ڊبليو. پي آرڊيننس. 1969 ع جو XXXVIII، سيڪشن 3. وسيلي داخل ڪيل*
4. *(4)اي او 1937 ع وسيلي "B.G.G." جي جاءِ تي آندل.*
5. *(5) اهڙي ڊڪليئريشن لاءِ ڏسو. ايس. ايل. آر ۽ او.*

ضروري هوندو ۽ انهيءَ مقصد لاءِ هو پاڻ سان گڏ ماتحت عملدارن يا ڪن ٻين ماڻهن، جيئن ڪيس بهتر سمجهي، ڪي پاڻ سان گڏ ڪٽي سگهي ٿو يا انهن ڪي موڪلي يا ذميواري حوالي ڪري سگهي ٿو.

(7) انڪوائري لاءِ داخل ٿيڻ: جڏهن ته ڪنهن رتا هيٺ، ڪئنال يا موجود ڪئنال جي سار سنڀال جي سلسلي ۾، ڪا انڪوائري يا جائزو ضروري هجي ته ڪئنال آفيسر، جيڪو ان ڏس ۾ باضابطه طور بااختيار هوندو آهي، يا ڪئنال آفيسر جي عام يا خاص حڪم هيٺ عمل ڪندڙ ڪو اهڙو ٻيو شخص:

(اي) اهڙي ڪنهن به زمين ۾ داخل ٿي سگهي ٿو، جيئن مقصد لاءِ ضروري سمجهي ٿو، ۽

(بي) سڀ اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ هو انهيءَ زمين جي ڏس ۾ اهي سڀ شيون ڪري سگهي ٿو، جيڪي ڪيس ڪرڻ گهرجن ۽ ان ڏس ۾ عمل ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن (1)[صوبائي حڪومت] لئنڊ اڪيوزيشن ائڪٽ 1894ع جي سيڪشن 4 جي بندوبستن هيٺ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو ته ان خاص هنڌ جي زمين ڪنهن سرڪاري مقصد لاءِ گهربل آهي، ۽

(سي) پاڻيءَ جا گيج لڳائي ۽ سارسنڀار ڪري سگهي ٿو ۽ اُهي ٻيون سڀ شيون ڪري سگهي ٿو، جيڪي اهڙيءَ انڪوائريءَ يا جائزي جي پيرويءَ لاءِ ضروري آهن.

8. **پاڻيءَ جي فراهميءَ جو معائنو ڪرڻ ۽ ان ڪي قاعدي موجب هلائڻ جا اختيار**: ڪوبه ڪئنال آفيسر، جيڪو ان ڏس ۾ باضابطه طور بااختيار هجي، اُهو يا ڪن ڪئنال آفيسرن جي ڪنهن عام يا خاص حڪم هيٺ ڪو ماڻهو، ڪنهن زمين، عمارت يا واٽر ڪورس ۾ داخل ٿي سگهي ٿو، جنهن جي ڪاتي ۾ آبيانو ادائگيءَ جوڳو آهي ۽ فراهم ڪيل پاڻيءَ جي استعمال ڪي چڪاس ۽ اُن ڪي قاعدي موجب هلائڻ يا اُتي آبپاشيءَ تي آباد ٿيندڙ زمين ڪي ماپڻ لاءِ يا ادائگيءَ جوڳي آبياني لاءِ ۽ جنهن ڪئنال منجهان پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٿو، اُن جي درست انتظام ۽ اهتمام لاءِ ضروري ڪم ڪري سگهي ٿو.

---

*(1) اي او 1937ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*

*(2) 1975ع جي سنڌ ائڪٽ 17 وسيلي "لئنڊ اڪيوزيشن ائڪٽ 1870ع" جي جاءِ تي آندل*

9. **مرمتن ۽ حادثاتي واقعن کان بچاءَ لاءِ دخل ڏيڻ جو اختيار:** جيڪڏهن ڪنهن ڪئنال ۾ ڪنهن حادثاتي واقعي ٿيڻ جو انديشو پيدا ٿي رهيو آهي يا اُهو واقع ٿي رهيو آهي ته ڪوبه ڪئنال آفيسر، جيڪو ان ڏس ۾ باضابطه طور بااختيار هجي، اُهو يا ڪن ڪئنال آفيسرن جي ڪنهن عام يا خاص حڪم هيٺ ڪو ماڻهو، ڪئنال سان لڳو لڳ زمين ۾ داخل ٿي سگهي ٿو ۽ وڻ يا ٻيو سامان ڪٽي سگهي ٿو ۽ اُنهن سيني ڪمن کي عمل ۾ آڻي سگهي ٿو، جيڪي حادثاتي واقعي کان بچڻ يا ٿيل نقصان جي مرمت جي مقصد لاءِ ضروري هجن.

10. **عمارت جي قبضي رکندڙ کي نوٽيس وغيره:** ڪارروائيءَ جي پوين ٽن سيڪشنن مان ڪنهن هڪ جي فقري هيٺ، جڏهن ڪئنال آفيسر يا ٻيوڪنهن ماڻهوڪنهن عمارت يا بند ڪورٽ يا رهائشي عمارت سان گڏيل باغ، جنهن کي ڪئنال مان پاڻي نه ملندو هجي ۽ جيڪو ٻوڏ جي بچاءَ بند سان لڳولڳ نه هجي، ۾ داخل ٿيڻ جي رٿ پيش ڪري ٿو ته ان صورت ۾ هُو عمارت جي قبضي رکندڙ کي حالتن هنگامي نوعيت مطابق مناسب نوٽيس ڏيندو.

**ڪئنال وچان گذر**

**ڪئنال تان گذر جا وسيلا مهيا ڪيا ويندا ۽ پاڻيءَ جي نيڪال جون رڪاوٽون هٽايون وينديون:** ڪئنال وچان گذر جا مناسب ذريعا اهڙين جاين تي فراهم ڪيا ويندا، جيڪڏهن (2)[صوبائي حڪومت] يا (3)ڪو (4)[ڪمشنر]، جنهن کي (5)[صوبائي حڪومت]ان ڏس ۾ بااختيار بڻايو هجي، سمجهي ٿو ته

اهي ڪئنال سان ڳنڍيل زمين جي رهواسين جي مناست اچ وڃ لاءِ ضروري آهن، ۽ پلون، موريون ۽ ٻيا ڪم تعمير ڪيا ويا ويندا ته جيئن ڪنهن ڪئنال جي ڪري ڳنڍيل زمين جي نيڪال جي پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ رنڊڪ کان بچي سگھجي.

(1) اي او 1937 ع وسيلي "G. in C" جي جاءِ تي آندل.

(2) سنڌ رپليلنگ ائنڊ اميندنگ ائڪٽ 1910 ع (1910 ع جو سنڌ 1) وسيلي داخل ڪيل

(3) 1974 ع جي سنڌ ائڪٽ XXVII سيڪشن 2 ايس سي ايچ وسيلي "دي روينيو ڪمشنر" لفظن جي جاءِ تي آندل، جن ڪي اڳي، سنڌ آرڊيننس 1955 ع جي 5، وسيلي "ايني ڪمشنر" لفظن جي جاءِ تي آندو ويو هو.

(4) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ايگزيڪيوٽو ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

(5) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.

## پاڻيءَ جي نيڪال ۾ ايندڙ رڪاوٽ جو خاتمو

**12. صوبائي حڪومت، خاص حدن اندر، درياءَ وغيره جي رنڊڪن جي جوڙجڪ کان روڪي سگهي ٿي:**(1)[صوبائي حڪومت] کي جڏهن به لڳي ته عوام جي صحت يا عوام جي اچ وڃ جي سرشتي، ڪنهن ڪئنال يا ڪنهن زمين، جنهن کي آبپاشيءَ جو پاڻي ڪئنال وٽان دستياب آهي، کي، ڪنهن نديءَ، وهڪري يا پاڻيءَ جي نيڪال جي قدرتي رستي جي ڪري نقصان پهتو آهي يا نقصان رسڻ جو امڪان آهي ته (1)[صوبائي حڪومت](2)[سرڪاري گزٽ] ۾ ڇپيل نوٽيفڪيشن وسيلي، نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل حدن اندر، اهڙيءَ رنڊڪ کان منع ڪري سگهي ٿي يا اهڙين حدن اندر، انهيءَ رنڊڪ کي ختم ڪرڻ يا ان ۾ ڦيرڦار جو حڪم ڏيئي سگهي ٿي.

اُتي موجود، ڄاڻايل نديءَ، وهڪري يا قدرتي پاڻيءَ جي نيڪال جي چئنل جو گهٽو حصو، جيڪو اهڙين اندر جوڙيل آهي، سيڪشن 3 ۾ ڄاڻايل تشريح طور پاڻيءَ جي نيڪال جو ڪمُ سمجهيو ويندو.

**13. ڪئنال آفيسر رنڊڪ پيدا ڪرڻ واري شخص کي حڪم جاري ڪري سگهي ٿو:** ڪو به ڪئنال آفيسر، جيڪو انهيءَ ڏس ۾ باضابطه طور بااختيار هجي، اهڙي عام اشاعت کان پوءِ، ڪنهن رنڊڪ پيدا ڪندڙ يا اهڙيءَ رنڊڪ کي ڪنٽرول ۾ رکندڙکي، حڪم ۾ ڄاڻايل وقت اندر، اهڙي رنڊڪ ختم ڪرڻ يا ان ۾ ڦيرڦار ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿو.

**14. ڪئنال آفيسر رنڊڪ ختم ڪرائي سگهي ٿو:** جيڪڏهن، مقرر ڪيل اندر، اُهو شخص حڪم جي تعميل نٿو ڪري ته ڪئنال آفيسر ٿيندڙ رنڊڪ ختم ڪري سگهي ٿو يا ان ۾ ڦيرڦار آڻي سگهي ٿو، ۽ جيڪڏهن اُهو شخص جنهن کي حڪم جاري ڪيو ويو هو، اهڙي خاتمي يا ڦيرڦار تي ايندڙ خرچُ، چونڊ ڪان پوءِ به، ادا نٿو ڪري ٿو ته (3)[ڪليڪٽر] اهڙو خرچ زمين محصول ۾ رهت طور اوڳاڙيندو.

*(1) اي او 1937 ع وسيلي ” “G. in Cجي جاءِ تي آندل.*
*(2)اي او 1937 ع وسيلي ” “.B.G.Gجي جاءِ تي آندل.*
*(3) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي “ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

## پاڻيءَ جي نيڪال جا تعميراتي ڪم

**15. جڏهن پاڻيءَ جي نيڪال جا ڪم ضروري آهن ته صوبائي حڪومت ڪنهن اسڪيم تي عملدرآمد جو حڪم ڏئي سگهي ٿي:**
جڏهن به (1)[صوبائي حڪومت] کي اهو لڳي ته عوام جي صحت يا ڪنهن زمين جي درست پوک يا آبپاشيءَ جي سڌاري، يا ٻوڏ يا پاڻيءَ جي ٻئي طريقي سان جمع ٿيڻ جي بچاءَ يا ڪنهن نديءَ جي زمين پائڻ جي ڪري، ڪنهن زمين لاءِ پاڻيءَ جو نيڪال ضروري آهي ته (1) [صوبائي حڪومت] اهڙي ڪم لاءِ ڪا اسڪيم جوڙي سگهي ٿي ۽ ان تي عمل ڪرائي سگهي ٿي.
۽ ڪوبه شخص جنهن کي (1)[صوبائي حڪومت] اها اسڪيم تيار ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ جو اختيار ڏنو آهي، انهيءَ ڏس ۾، ڪئنال آفيسرن کي سيڪشن 8،7 ۽ 9 تحت ڏنل اختيار استعمال ڪري سگهندو ۽ ڪئنال آفيسرن تي سيڪشن 10 ۽ 34 تحت لاڳو فرضن ۽ ذميوارين جو جوابدار هوندو.

**[15_ اي. (1) پاڻيءَ جي نيڪال جو محصول لاڳو ڪرڻ:**
سرڪار سم ڪلر تي ضابطو ۽ ان جي بحالي جي پروجيڪٽ جي حدن اندر، ڪنهن حقيقي ڪيڙيل زمين تي پاڻيءَ جي نيڪال جو محصول لاڳو ڪري سگهي ٿي، جتي ٽيوب ويلن يا ڪليل متاچري جي نالين وسيلي پاڻيءَ جي نيڪال جي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن.

(2) سرڪار، قانون موجب، ڪابه ادائگي جوڳي رقم، زمين جي ڍل جي رهتن جي صورت ۾ رکي سگهي ٿي.

---

*(1) اي او 1937 ع وسيلي "G. in C" جي جاءِ تي آندل.*
*(2) 1983 ع جي سنڌ آرڊيننس X، سيڪشن 2 وسيلي سيڪشن 15 اي جو اضافو ڪيل.*

# ڀاڱو_ ٽيون
واٽر ڪورسن جي لاءِ

*نون واٽر ڪورسن جي تعمير*

16. **خانگي انتظام وسيلي نون واٽر ڪورسن جي تعمير:** ڪوبہ ماڻهو، ڪئنال آفيسر، جيڪو باضابطا طور اجازت ڏيڻ لاءِ بااختيار هجي، جي اجازت سان نئون واٽر ڪورس تعيمر ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن هُن واٽر ڪورس واسطي گهربل زمين لاءِ، زمين جي مالڪ ڪان راضپو ماڻي ورتو آهي.

17. **ڪئنال آفيسر ڪي نئين واٽرڪورس جي تعمير لاءِ درخواست:** ڪوبہ شخصُ، جيڪو نئين واٽر ڪورس تعميرڪرڻ جي خواهش رکي ٿو، پر واٽر ڪورس لاءِ گهربل زمين جي مالڪ جي مدد سان خانگي انتظام هيٺ تعمير جي اهل ناهي يا هو ان طريقي سان تعمير ڪرڻ نٿو ڪرڻ گهري تہ ان صورت ۾ هو لکت ۾ درخواست باضابطہ طور بااختيار ڪئنال آفيسر کي ڏئي سگهي ٿو، جنهن ۾ بيان ٿيل هوندو تہ:

(1) هُو زمين حاصل ڪرڻ ۽ اهڙي واٽر ڪورس تي تعمير تي ايندڙ ضروري خرچ ڀرڻ لاءِ تيار آهي؛
(2) هُو خواهش رکي ٿو تہ جاڙايل ڪئنال آفيسر، هن جي پاران ۽ هن جي خرچ تي، اهڙي واٽر ڪورس لاءِ سڀ ضروري شيون ڪري.

(18) **جڏهن ڪئنال آفيسر واٽر ڪورس جي تعمير کي مناسب سمجهي ٿو تہ ان کان پوءِ جو طريقيڪار:** جيڪو ڪئنال آفيسر اهڙي نئين واٽر ڪورس جي تعمير کي مناسب سمجهي ٿو تہ هُو درخواست ڏيندڙ شخص کي، خرچ جو ڪو حصو، جيڪو آفيسر کي ضروري لڳي ٿو، جمع ڪرائڻ لاءِ سڏيندو.

۽ اڳواٽ رقم جمع ڪرائڻ تي، هُو جاٽايل واٽر ڪورس لاءِ سڀ ڪان مناسب صفبنديءَ لاءِ انڪوائري ڪرائيندو.
۽ انهيءَ زمين تي نشان لڳائيندو، جنهن کي هن جي خيال ۾ تعمير لاءِ والارڻ ضروري آهي.

۽ فوري طرح اهڙي هر هڪ ڳوٺ ۾ نوٽيفڪيشن عام ڪندو، جنهن منجهان تجويز ڪيل واٽر ڪورس گذرڻو آهي ته هيتري زمين، جيڪا ان ڳوٺ ۾ موجود آهي، تي نشان لڳايو ويو آهي.
۽ اهڙي زمين جي عام اطلاع لاءِ، اهڙي نوٽيفڪيشن جي ڪاپي اُن هر هڪ ضلعي جي (1)[ڪليڪٽر] ڏانهن اُماڻيندو، جنهن ۾ زمين واقع آهي.
گڏيل مالڪ ٿيڻ جي خواهش رکندڙ شخص پاران درخواست:جاٽايل نوٽيفڪيشن ۾ انهيءَ شخص کي به، نوٽيفڪيشن جي ٽيهن ڏينهن دوران ڪئنال آفيسر کي پنهنجي درخواست ڏيڻ لاءِ چيو ويندو، جيڪو اهڙي واٽر ڪورس ۾ گڏيل مالڪيءَ جي خواهش رکي ٿو.
جيڪڏهن درخواست جمع ڪرائي ويئي آهي ته اهو شخصُ خرچ جي حصي لاءِ ذميوار هوندو: جيڪڏهن اهڙو ڪوبه شخص ظاهر ٿئي ٿو ۽ هن پنهنجي درخواست جمع ڪرائي آهي ته هو انهيءَ واٽر ڪورس جي تعميرءِ واٽر ڪورس لاءِ زمين حاصل ڪرڻ جي خرچ ۾ پنهنجي حصي پرڻ لاءِ ذميوار هوندو ۽ هُو، جڏهن واٽر ڪورس تعمير ٿي ويندو ته ان ۾ مالڪ هوندو.
19. (1)[ڪليڪٽر] پاران زمين حاصل ڪرڻ: اهڙي نوٽيفڪيشن جي ڪاپيءَ جي رسيد ملڻ تي، (1)[ڪليڪٽر](2)[لئنڊ اڪيوزيشن ائڪٽ، 1894ع] هيٺ اهڙي زمين حاصل ڪرڻ لاءِ عمل شروع ڪندو، سمجهيو ويندو ته انهيءَ ائڪٽ جي سيڪشن 6 هيٺ اُتي تحصيل لاءِ (3)[صوبائي حڪومت] پاران نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو هو،

۽ سمجهيو ويندو ته ڄاڻايل ائڪٽ جي سيڪشن 7 هيٺ اهڙي زمين حاصل ڪرڻ لاءِ (3)[صوبائي حڪومت](1)[ڪليڪٽر] ڪي هدايتون جاري ڪيون هيون، (جيڪڏهن ضروري آهي ته) سمجهيو ويندو ته ڄاڻايل ائڪٽ جي سيڪشن 17 هيٺ سمري جي قبضي وٺڻ لاءِ (3)[صوبائي حڪومت] حڪم جاري ڪيا هئا.

*(1) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

*(2) 1975 ع جي سنڌ ائڪٽ 17 وسيلي "لئنڊ اڪيوزيشن ائڪٽ 1870 ع" جي جاءِ تي آندل.*

*(3) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*

20. **واٽر ڪورس جي تعمير ڪان پوءِ طريقيڪار:** زمين جي قبضي وٺڻ ڪان پوءِ، ڪئنال آفيسر گهربل واٽر ڪورس جي تعمير ڪندو، ۽ اُن جي مڪمل ٿيڻ تي مالڪ کي ان جي باري ۾ ۽ زمين حاصل ڪرڻ ۽ واٽر ڪورس تعمير ڪرڻ جي خرچ جي سلسلي ۾ هُن ڏانهن رهت جي باري ۾ نوٽيس ڏيندو. اهڙي نوٽيفڪيشن ڏيڻ ڪان پوءِ، اُهو حساب مالڪ تي ادائگيءَ جوڳو هوندو، جيڪو ڪيس ڪئنال آفيسر کي ڏيڻو پوندو. ڄاڻايل سمورن خرچن جي پوري ادائگيءَ جي رسيد ڪان پوءِ، ڪئنال آفيسر اهڙي واٽر ڪورس جو قبضو مالڪ کي ڏيندو.

## *واٽر ڪورس جي مالڪن جا حق ۽ ذميواريون*

21. **واٽر ڪورس جي مالڪ جون ذميواريون:** واٽر ڪورس جو مالڪ سدائينءَ لاءِ پابند هوندو ته:

(اي) هُو اهڙي واٽر ڪورس جي آرپار رستي تي ڪئنالن، واٽر ڪورسن، پاڻيءَ جي نيڪال جي چئنلن ۽ واٽر ڪورس جي تعمير مهل موجود پبلڪ جي روڊن ۽ واٽر ڪورس جي رستي ۾ ڪٽجندڙ نيڪال، ان جي آرپار موجود معلومات جي رسائي کي درست حالت ۾ رکڻ ۽ پرپاسي جي زمينن جي قبضيدارن جي سهولت لاءِ سيني ضروري ڪمن کي تعمير ڪرائي ۽ انهن جي بحال حالت ۾ رکي.

(بي) هُو پاڻيءَ جي سهولت لاءِ اهڙي واٽر ڪورس کي درست مرمت واري حالت ۾ رکي.

(سي) هُو سيڪشن 23 جي بندوبستن هيٺ ڄاڻايل شرطن تي ٻين کي پاڻيءَ جي استعمال جي اجازت ڏئي ۽ ٻين شخصن کي گڏيل مالڪن طور تسليم ڪري.

واٽر ڪورسن جي مالڪن ۽ استعمال ڪندڙن جا حق: ۽ واٽر ڪورس جو هر هڪ مالڪ ۽ هِتان اڳتي شامل ٿيندڙ فقرن هيٺ واٽر ڪورس جي استعمال لاءِ اختيار ڏنل هر هڪ شخص اهل هوندو:

(ڊي) ته ڪيس اهڙن اگهن ۽ شرطن شرائطن جي بنياد تي اهڙي واٽر ڪورس وسيلي پاڻي فراهم ڪيو وڃي، جيڪي

سيڪشن 44 هيٺ وقت بوقت جاڙايا ويندا ۽ قائدا جيڪي (1)[صوبائي حڪومت] سيڪشن 70 هيٺ جوڙيا هوندا.

بشرطيڪ، ڏرين وچ ۾ ڪنهن معاهدي جي شرطن موجب، يا سيڪشن 23 هيٺ لاڳو ڪنهن شرط تي، واٽر ڪورس جو ڪوبہ مالڪ يا مٿي ڄاڻايل ڪوبہ شخص، ڪنهن بہ وقت، لکت ۾ ٽن مهينن جو اڳواٽ نوٽيسُ، اهڙن نوٽيسن کي وصول ڪرڻ لاءِ باضابطہ طور بااختيار ڪئنال آفيسر کي ڏيڻ وسيلي، اهڙي واٽر ڪورس مان پنهنجي فائدي تان هٿ کڻي وڃي.

**22. ڪنهن شخص جو مالڪ سان ملي انتظام ڪرڻ:** جيڪڏهن ڪوبہ اهڙو شخص جيڪو اُن واٽر ڪورس وسيلي پاڻيءَ جي فراهميءَ جي خواهش رکي ٿو، جنهن جو هو مالڪ ناهي تہ هُو اُتان پاڻيءَ جي فراهميءَ جي اجازت لاءِ مالڪ سان ملي نجي نموني بندوبست ڪري سگهي ٿو، يا اهڙين درخواستن کي وصول ڪرڻ لاءِ باضابطہ طور بااختيار ڪئنال آفيسر وٽ اهڙي واٽر ڪورس کي استعمال ڪرڻ يا ان ۾ گڏيل مالڪ قرار ڏني وڃڻ جي اجازت لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿو.

**23. ڪئنال آفيسرُ، انڪوائريءَ ڪان پوءِ، درخواست گذار کي واٽر ڪورس مان فراهميءَ جي اجازت يا اُن کي گڏيل مالڪ قرار ڏيئي سگهي ٿو:** اهڙيءَ درخواست جي وصوليءَ ڪان پوءِ، ڪئنال آفيسر مالڪن کي سبب ڄاڻايو نوٽيس جاري ڪري سگهي ٿو تہ اهڙي اجازت ڇو نہ ڏني وڃي، يا اهڙو اعلان ڇو نہ ڪرڻ گهرجي، ۽، جيڪڏهن ڪوبہ

اعتراض نٿو اٿاريو وڃي يا جيڪڏهن اعتراض اٿاريو ويو آهي ۽ اُهو ناڪافي يا ناجائز آهي تہ مامرو (2)[ڪليڪٽر] جي منظوريءَ سان مشروط هوندو تہ هُو درخواست گذار کي واٽر ڪورس استعمال ڪرڻ جي اجارت ڏئي يا ازالي جي ادائگي يا پاڙي يا ڪنهن ٻئي نموني، جيئن هن کي انصاف لاءِ بهتر لڳي، جي شرطن تي ڪيس گڏيل مالڪ قرار ڏئي.

**24. ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ واٽر ڪورس واسطي حاصل ڪيل زمين جو استعمال: هن حصي هيٺ ڪابہ واٽر ڪورس لاءِ**

*(1) اي او 1937 ع وسيلي " "G. in C جي جاءِ تي آندل.*

*(2)سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIII سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

حاصل ڪيل زمين، (1)[۽ سيڪشن 92 هيٺ تعمير ڪيل واٽر ڪورس جي والاريل ڪابہ زمين] اهڙي اجازت ڏيڻ جي باضابطہ طور بااختيار ڪئنال آفيسر جي اڳواٽ اجازت ڪان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي مقصد لاءِ استعمال نہ ٿيندي.

**(25) جيڪڏهن مالڪ واٽر ڪورس جي انتظام هلائڻ يا ان جي مرمت ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ واٽر ڪورس جو انتظام ڪئنال آفيسر سنڀاليندو:** جيڪڏهن واٽر ڪورس جو ڪوبہ مالڪ سيڪشن 21 جي شق (اي) ۽ شق (بي) وسيلي پاڻ تي لاڳو ٿيندڙ جوابدارين ڪي نڀائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ انهيءَ ڏس ۾ باضابطہ طور بااختيار ڪئنال آفيسر ان ڪي، ڪنهن مدي اندر، جيڪو نوٽيس ۾ ڄاڻايل هوندو، جيڪو پندرهن ڏينهن ڪان گهٽ نہ هوندو، ضروري ڪم جي انتظام ڪرڻ يا مرمت ڪرائڻ جو نوٽيس ڏيندو، ناڪاميءَ جي صورت ۾، هُو (ڪئنال آفيسر) پنهنجي طور تي واٽر ڪورس جو انتظام سنڀاليندو، ۽ هن سيڪشن ۾ هِتان ڪان اڳتي ڄاڻايل بندوبست ڪي ڇڏي، اهڙي ڪم يا مرمت جي انتظام ۾ ايندڙ سمورو خرچ (2)[صوبائي حڪومت] وٽ انهيءَ مالڪ ڏانهن واجب الادا حساب طور رهندو.

واٽر ڪورس استعمال ڪندڙ شخصَ، مرمت جو خرچن جو حصو ادا ڪندا: هن سيڪشن هيٺ مالڪ ڪان سواءِ ڪوبہ ماڻهو اُن واٽر ڪورس ڪي استعمال ڪري ٿو، جنهن جي مرمت جو انتظام ڪئنال آفيسر ڪري چڪو آهي، ڌرين وچ ۾ معاهدي جي غيرموجودگيءَ ۾ يا سيڪشن 23 هيٺ لاڳو ڪنهن شرط تحت، اهڙي واٽر ڪورس ڪي استعمال ڪرڻ جي اجارت ڏئي وئي هئي تہ اُهو ڄاڻايل ڪئنال آفيسر پاران طئہ ڪيل اهڙين مرمتن جي انتظام تي آيل خرچن جو اهڙو حصو (2)[صوبائي حڪومت] ڪي ادا ڪرڻ لاءِ ذميوار هوندو.

*واٽر ڪورسن سان لاڳاپيل اختلافن جو نبيرو*

26. **واٽر ڪورس ۾ دلچسپي رکندڙ شخصن جي گڏيل حقن ۽ جوابدارين متعلق اختلافن جو نبيرو:** جڏهن ٻه ڪن ٻن يا ٻن کان وڌيڪ شخصن يا واٽر ڪورس جي گڏيل مالڪن وچ ۾ اهڙي واٽر ڪورس جي تعمير يا سار سنڀال ڪرڻ جي

*(1) 1931 ع جي سنڌ 14، سيڪشن. 2. وسيلي داخل ڪيل*

*(2) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*

هر ڪنهن جي حصي طور، يا اهڙن خرچن ۾ هر ڪنهن رقم جي پتيءَ طور، يا ڪنهن مالڪ پاران پنهنجي حصي ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيڻ طور، ڪنهن واٽر ڪورس جي استعمال، تعمير يا بحال حالت جي سلسلي ۾، سندن گڏيل حقن ۽ جوابدارين جي لحاظ کان، ڪو اختلاف اڀري ٿو ته اهڙي اختلاف جي مسئلي ۾، ڪوبہ دلچسپي رکندڙ شخصُ لکت ۾، درخواستن وصول ڪرڻ لاءِ باضابطہ طور بااختيار ڪئنال آفيسر وٽ درخواست داخل ڪري سگهي ٿو، جنهن ۾ اختلاف وارو مسئلو بيان ٿيل هوندو.

اهڙو آفيسر بين دلچسپي رکندڙ ماڻهن کي نالي سان نوٽيس ڏيندو، اهڙي نوٽيس ۾ ڄاڻايل ڏينهن تي، ڄاڻايل مسئلي تي جاچ شروع ڪندو.

۽ جيڪڏهن سڀ واسطيدار ماڻهو، لکت ۾، سندس ثالثيءَ تي، راضپو ظاهر ڪن تہ هُو اُن مسئلي تي پنهنجو حڪم جاري ڪندو.

راضي نامي ملڻ ۾ ناڪاميءَ جي صورت ۾، هو مسئلو (1)[ڪليڪٽر] ڏانهن منتقل ڪندو، جيڪو مسئلي جي جاچ ڪندو ۽ اُن تي پنهنجو حڪم جاري ڪندو.

هن سيڪشن هيٺ (1)[ڪليڪٽر] جو جاري ڪيل حڪم، تيستائين عمل هيٺ رهندو، جيستائين سول ڪورٽ جي فرمان وسيلي ان کي غيرموثر نٿو ڪري.

# ڀاڱو ـ چوٿون
## پاڻيءَ جي فراهميءَ جي لاءِ

### فراهميءَ لاءِ درخواستون

27. لکت ۾ درخواست تي پاڻي فراهم ڪيو ويندو: هر هڪ ماڻهو، جيڪو ڪنهن ڪئنال منجهان پاڻيءَ جي فراهميءَ جي خواهش رکي ٿو، اُهو اهڙين درخواستن کي وصول ڪرڻ لاءِ باضابطہ طور بااختيار ڪئنال آفيسر کي ان ڏس ۾ لکت ۾ درخواست جمع ڪرائيندو، انهيءَ طريقي سان، جيڪو وقت بوقت (2)[صوبائي حڪومت] انهيءَ سلسلي ۾ بيان ڪندي رهندي.

---

*(1)سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIII سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

*(2) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*

*۽ پاڻي آبپاشيءَ جي مقصدن کان سواءِ ٻين مقصدن لاءِ فراهم ڪري سگهجي ٿو: جيڪڏهن آبپاشيءَ جي مقصدن کان سواءِ ٻين مقصدن لاءِ پاڻيءَ جي فراهميءَ جي درخواست آهي ته ڪئنال آفيسر، (1) [صوبائي حڪومت] جي منظوري سان، خاص حالتن ۾ پابندين، جيئن فراهميءَ جي حدن اندر، ڪنٽرول ۽ ماپ، هيٺ اهڙن مقصدن لاءِ پاڻي ڪڍڻ جي اجازت ڏيندو (1)[صوبائي حڪومت] پاران هر ڪيس ۾ لاڳو ڪيل پاڻي جي رسد کي ڪنٽرول ۽ ماپ اندر رهندي جيئن هن کي اختيار ڏنا ويا*

## *پاڻي فراهميءَ لاءِ ڏنل اختيار*

28. **پاڻيءَ جي فراهمي روڪڻ جو اختيار:** پاڻيءَ جي فراهمي، ڪنهن واٽر ڪورس يا ڪنهن ماڻهوءَ کي، جيڪو اهڙيءَ فراهميءَ جو حق رکندڙ آهي، نٿي روڪي سگهجي ماسواءِ:

(اي) جڏهن بہ ۽ جيستائين اهڙيءَ فراهميءَ کي، مجاز اختياريءَ جي حڪم تي، ڪنهن ڪم شروع ڪرڻ جي مقصد لاءِ روڪڻ ضروري هجي.

(بي) جڏهن بہ ۽ جيستائين واٽر ڪورس، جنهن وسيلي اهڙي فراهمي وصول ڪئي وڃي ٿي، اهڙي مرمت وسيلي برقرار نہ رکيو ويو آهي جو اُهو پاڻيءَ جي ضايع ٿيندڙ اخراج کي روڪيندو هجي.

(سي) جڏهن بہ ۽ جيستائين پاڻي ڪٽڻ جي اهل بين ماڻهن جي قانوني گهرجن لاءِ، واري بنديءَ ۾ فراهمي جي سلسلي ۾ ايئن ڪرڻ ضروري آهي.

(ڊي) جڏهن بہ ۽ جيستائين پاڻيءَ جي زيان يا اُن جي غلط استعمال کان بچڻ جي سلسلي ۾ ايئن ڪرڻ ضروري آهي.

(اِي) انهيءَ ڏس ۾ باضابطہ طور بااختيار ڪئنال آفيسر پاران، وقت بوقت، مقرر ڪيل مدي اندر.

[(2)](ايف) جڏهن بہ ۽ جيستائين سيڪشن 91 هيٺ ڪئنال آفيسر پاران اُتان جي ماخذ ۾ تبديليءَ جي

---

*(1) اي او 1937ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*

*(2) شق (ايف) 1931ع جي سنڌ 14، سيڪشن 3 وسيلي داخل ڪئي وئي آهي.*

ڪري فراهميءَ کي روڪڻ ضروري آهي.]
1 [(جِي) جڏهن بہ ۽ جيستائين هٿ چراند ڪيل ماڊيول کي مرمت ڪرڻ ضروري آهي.]
2 [28 ـ اي. موگهن جي مرمتن جي خرچ جي اوڳاڙي: پڳل موگهي جو خرچ، جيئن اُهو ڪئنال آفيسر طئہ ڪيو آهي، زمين جي محصول جي رهتن طور اهڙي موگهي وسيلي پاڻي وصول ڪندڙ شخصن يا شخصن ڏانهن ادائگيءَ جوڳو هوندو.

29. **فراهميءَ جو مدو:** جڏهن ڪئنال جو پاڻي فقط هڪ يا وڌيڪ فصلن جي آبپاشيءَ لاءِ فراهم ڪيو ويو آهي تہ اهڙي پاڻيءَ کي استعمال ڪرڻ جي اجازت فصل يا فصلن جي پچڻ تائين جاري رهندي ۽ اُها فقط اهڙي فصل يا فصلن تي لاڳو ٿيندي.

30. **منتقل ٿي سگهندڙ ملڪيت لاءِ پاڻي فراهمي جا معاهدا، جنهن لاءِ پاڻي فراهم ڪيو ويو آهي:** ڪنهن زمين، عمارت يا ٻي غيرمتحرڪ ملڪيت کي ڪئنال مان ملندڙ فراهميءَ لاءِ هر هڪ معاهدو منتقل ٿيڻ جوڳو هوندو، ۽ جڏهن بہ اُها زمين، عمارت يا ٻي غيرمتحرڪ ملڪيت منتقل ٿئي ٿي تہ اُهو بہ منتقل ٿيل سمجهيو ويندو.

**پاڻيءَ جي استعمالُ ڪرڻ جو حق، جيڪو ڪئنال آفيسر جي اجازت کان سواءِ ٻي صورت ۾ منتقل ٿيڻ جوڳو نہ هوندو:**ڪوبہ ماڻهو، جيڪو ڪنهن بہ ڪئنال متعلق ڪنهن ڪم يا زمين جي استعمال لاءِ حقدار آهي، ۽ مٿي ڄاڻايل اهڙي ڪنهن معاهدي جي صورت کان سواءِ، ڪوبہ شخصُ، جيڪو ڪنهن ڪئنال جي پاڻيءَ جي استعمال لاءِ حقدار آهي، ڪئنال آفيسر جي اجازت کان سواءِ، جيڪو اهڙي اجازت ڏيڻ لاءِ باضابطہ نموني بااختيار هوندو آهي، پنهنجو حق نہ وڪڻندو يا نہ ڪرايي تي ڏيندو، يا نہ ئي ڪنهن ٻئي نموني منتقل ڪندو.

---

*(1) شق (جِي) 1976 جي ائڪٽ VI، سيڪشن. 2 وسيلي شامل ڪئي ويئي آهي.*

*(2) سيڪشن 28_اي جو اضافو ڪيو ويو آهي، حوالو ساڳيو.*

# ڀاڱو ـ پنجون

## معاوضو ڏيڻ لاءِ

<u>دعويٰ جوڳي حالت ۾ معاوضو</u>

(31) **جاچ جوڳي حقيقي نقصان جي صورت ۾ معاوضو:** هن ائڪٽ جي ڪن ٻه اختيارن تي عمل ڪندي ٿيل حقيقي نقصان جي سلسلي ۾ معاوضو ڏنو ويندو، جيڪو نقصان جي اهڙي معاوضي ڏيڻ جي وقت تي جاچجڻ ۽ ڪَٿ جوڳو آهي.

استثنائون: بشرطيڪ ڪنهن اهڙي نقصان جي سلسلي ۾ ڪوبہ معاوضو نہ ڏنو ويندو، جيڪو ٿئي ٿو:

(اي) آبهوا جي تباهيءَ جي ڪري

(بي) جهازرانيءَ جي رڪجڻ يا ٻيڙي ۾ ڪانين ڊوڻ جي طريقي يا چوپايي مال کي وهنجارڻ جي ڪري، يا

(سي) سيڪشن 5 وسيلي ملندڙ اختيار جي استعمال ۾ آڻڻ جي نتيجي ۾ پاڻيءَ جي رڪجڻ يا خساري جي ڪري، جيڪڏهن سيڪشن 37 هيٺ نوٽيفڪيشن جي جاري ٿيڻ جي تاريخ کان اڳ پنجن ورهين اندر اهڙي فراهميءَ جو استعمال نہ ڪيو ويو آهي، يا

(ڊي) ڪنهن ڪئنال ۾ پاڻيءَ جي ناڪاميءَ يا رڪجڻ جي ڪري، جڏهن اهڙي ناڪامي يا رڪجڻ ٿيو آهي:

(1) اهڙي سبب جي ڪري، جيڪو *[صوبائي حڪومت] جي وس کان ٻاهر آهي

(2) ڪئنال ۾ مرمتن، ڦيرڦار يا اضافي جي انتظام جي ڪري

(3) اهڙي اپاءَ جي ڪري، جيڪو انهيءَ سلسلي ۾ باضابطه طور بااختيار ڪئنال آفيسر ڪئنال ۾ پاڻيءَ جي درست وهڪري جي انتظام لاءِ يا آبپاشيءَ جي قائم ٿيل وهڪري کي بحال حالت ۾ رکڻ لاءِ ڪيو آهي

*اي او 1937ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.

***اجازت جوڳي حالت ۾ پاڻيءَ جي محصل جي معافي:*** پر ڪوبہ شخص، جيڪو هن سيڪشن جي شق (ڊي) ۾ ڄاڻايل سببن مان ڪنهن جي ڪري پنهنجي پاڻيءَ جي فراهميءَ رڪجڻ يا ان ۾ لاٿ جو نقصان ڀوڳي ٿو، اُهو پنهنجي پنهنجي ادائگيءَ جوڳي آبياني جي معافيءَ لاءِ اهل هوندو، جنهن طرح (1)[صوبائي حڪومت] پاران اجازت ڏني ويئي هجي.

32. **دعوائن جي حد:** هن سيڪشن هيٺ انهيءَ وقت، جڏهن شڪايت ڪيل نقصان شروع ٿيو هو، کي ٻارهن مهينن جو عرصو گذرڻ کان پوءِ ازالي جي ڪنهن بہ دعوا کي نہ ٻڌو ويندو، جيستائين (2)[ڪليڪٽر] کي اهڙي تسلي نہ آهي تہ دعويدار وٽ انهيءَ عرصي دوران دعوا نہ ڪرڻ جو جوڳو سبب موجود آهي.

*33. [انهن ڪمن جي سلسلي ۾ ازالو دعوا جوڳو نہ هوندو، جيڪي هن ائڪٽ کان پهرين شروع ڪيا ويا هئا] 1895ع جو ائڪٽ XVI قائم ڪيل.*

## فيصلن جو خلاصو

34. **زمين ۾ داخلي سبب ٿيل نقصان جو معاوضو:** سيڪشن 6، سيڪشن 7، سيڪشن 8، سيڪشن 9 هيٺ ڪنهن زمين يا عمارت جي داخلي جي هر صورت ۾، ڪئنال آفيسر يا داخل ڪندڙ شخص نقصان جي حد جاچيندو ۽ رڪارڊ ڪندو تہ

ڇا ڪنهن به فصل، وڻ، عمارت يا ڪنهن ٻي ملڪيت کي داخل ڪرڻ وسيلي يا ڪنهن ڪم کي ڪرڻ جي ڪري نقصان ٿيو آهي.

ٻ اهڙي داخلا جي تاريخ کان هڪ مهيني اندر، انهيءَ سلسلي ۾ باضابطه نموني بااختيار ڪئنال آفيسر معاوضو ان ڪاتيدار يا مالڪ کي ادا ڪندو، جنهن جي ملڪيت کي نقصان پهتو آهي.

جيڪڏهن اهڙي پيشڪش قبول نہ ڪئي ويئي آهي تہ ڪئنال آفيسر پوءِ اهڙي مسئلو، معاوضي جي رقم يا مسئلي کي فيصلي ڏيڻ جي ڏس ۾ انڪوائري ڪرڻ لاءِ (2)[ڪليڪٽر] ڏانهن اُماڻيندو.

(1) اي او 1937ع وسيلي ” “G. in C جي جاءِ تي آندل.

(2) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012ع (ٻئي ترميم)، (2013ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_اي، تاريخ 19 مارچ 2013ع وسيلي ”ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

35. **پاڻيءَ جي فراهميءَ ۾ تعطل جي مد ۾ معاوضو:** جيڪڏهن سيڪشن 31 جي شق (ڊي) ۾ بيان ڪيل طريقي کان علاوه ڪنهن ٻئي طريقي سان ڪئنال ڪنهن آبپاشيءَ تي آباد ٿيندڙ زمين کي پاڻيءَ جي فراهميءَ ۾ تعطل ٿئي ٿو ته ڪاتيدار اهڙي تعطل جي ڪري ٿيندڙ نقصان لاءِ (1) [ڪليڪٽر] کي معاوضي لاءِ درخواست پيش ڪندو، ۽ (1)[ڪليڪٽر] ڪئنال آفيسر سان مشوري ڪان پوءِ، درخواست گذار کي اهڙي نقصان جي مناسب نعاوضي سان نوازيندو.

36. **پوين ۾ن فيصلائتن سيڪشنن مان ۾نهي هيٺ معاوضي جي رقم جو فيصلو:** معاوضي جي رقم ڏيڻ جي حوالي کان ٻنهي پوين سيڪشنن يا سيڪشن 70هيٺ (1)[ڪليڪٽر] جو فيصلو، يا، اُهو سيڪشن 70 هيٺ جوڙيل ڪنهن اصول طور ڪيو ويو آهي، ته اهڙو فيصلو اپيل جوڳو قرار ڏنو ويندو، پوءِ انهيءَ اختياريءَ جو فيصلو، جنهن بااختيار وٽ پيل آهي، فيصلائتو هوندو (2) [:]

2[بشرطيڪ، جيستائين اپيل ڪندڙ کي ٻڌڻ جي موقعو نه ڏنو ويو آهي، تيستائين ڪنهن به اپيل تي فيصلو نه ڏنو ويندو]

*رسمي ڪيل فيصلو*

37. **ڪن خاص صورتن ۾ معاوضي لاءِ دعوائن جو نوٽيس:** جيترو به جلد ممڪن ٿي سگهي، سيڪشن 5 هيٺ نوٽيفڪيشن جي جاري ٿيڻ کان پوءِ، (1)[ڪليڪٽر] مناسب جاين تي پبلڪ نوٽيس ڏيندو،

جنهن ۾ ڄاڻايل هوندو ته (3)[صوبائي حڪومت] متين ٻڌايل طريقي سان پاڻي استعمال يا ڪم ۾ آڻڻ جو ارادو رکي ٿي ۽ اهو به ته، ان جي اڳيان معاوضي لاءِ دعوائون رکي سگهجن ٿيون.

*1) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

*(2) سيڪشن 36 ۾، پچاڙيءَ ۾ فل اسٽاپ کي ڪولن ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ 1984 ع جي سنڌ آرڊيننس XXVIIوسيلي فقري جو اضافو ڪيو ويو.*

*(3)(3) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*

سيڪشنن 31 ۽ 32 جي ڪاپي اهڙي هر ڪنهن نوٽيس سان شامل ڪئي ويندي.

**38. دعوائون جن کي (ڪليڪٽر) ترجيح ڏيندو:** هن ائڪٽ هيٺ معاوضي لاءِ سڀ دعوائون، سيڪشنن 34 ۽ 35 ۾ ڏنل ڪيفيت جي دعوائن ڪان سواءِ، انهيءَ ضلعي جي (1)[ڪليڪٽر]اڳيان ڪيون وينديون، جنهن ۾ اهڙيون دعوائون اچن ٿيون.

**39. (1)[ڪليڪٽر] کي لئنڊ اڪيوزيشن ائڪٽ، 1984ع جي شقن هيٺ رهنمائي ڏني ويندي:** (1)[ڪليڪٽر] اهڙي هر ڪنهن دعوا کي جاچيندو ۽ معاوضي جي رقم جو تعين ڪندو، جيڪڏهن ڪا آهي، جيڪا سندس خيال ۾ دعويدار کي ڏني وڃڻي آهي ۽ 2[لئنڊ اڪيوزيشن ائڪٽ، 1984ع جي سيڪشنن 11، 12، 13، 14، 15، 16، 18 کان 23 تائين (سڀ شامل)، 25 کان 31 تائين (سڀ شامل)، 45 کان 52 تائين] اهڙي جانچ تي لاڳو ٿيندا.

بشرطيڪ، (3)[بڌايل سيڪشن 25]جي آخري شق جي بدران، هيٺ ڏنل پڙهيا ويندا:

"هن سيڪشن جا بندوبست ۽ (4)[سنڌ] آبپاشي ائڪٽ 1879ع جا سيڪشن 31 ۽ 40 پڙتال ڪندڙ کي، معاوضي جي رقم لاءِ پنهنجي راءِ ڏيڻ کان اڳ ۾، اُنهي ٻوليءَ ۾ پڙهي ٻڌايا ويندا، جيڪا هو سمجهي ٿو.

**40. معاوضي کي طئہ ڪرڻ ۾ مارڪيٽ جي قدر ۾ لاٿ (Diminution) کي نظر ۾ رکيو ويندو:** پوئين سيڪشن هيٺ معاوضي جي رقم کي طئہ ڪندي، اها ملڪيت جنهن لاءِ معاوضي جي دعوا ڪيل آهي، جي معاوضي ڏيڻ مهل، مارڪيٽ ۾ قدر جي لاٿ کي ويچار هيٺ رکيو ويندو،

*(1) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

*(2) لئنڊ اڪيوزيشن ائڪٽ، 1984 ع جي سيڪشنن 11، 12، 13، 14، 15، 16، 18 کان 23 تائين (سڀ شامل)، 25 کان 31 تائين (سڀ شامل)، 45 کان 52 لاءِ 1975 ع جي سنڌ ائڪٽ 17 وسيلي بدلايل.*

*(3) "جاٽايل سيڪشن 26" لاءِ ساڳيي حوالي سان بدلايل*

*(4) "بمبئي" لاءِ (30هين مارچ 1951 ع کان) سنڌ جي قانونن (موافقت، نظرثاني، منسوخي ۽ اعلان) آرڊيننس، 1955 ع، (1955 ع جو سنڌ سيڪشن: 5) وسيلي بدلايل.*

۽ جتي مارڪيٽ جو قدر طئي جوڳو ناهي، تہ انهي جو حساب ڪيو ويندو، جيڪا رقمَ (1)[ پندرهن ڀيرن کان گهٽ ۽ ويهن ڀيرن کان وڌيڪ نہ هوندي] اهڙي ملڪيت جي ساليانی خالص نفعي جي لاٽ جي رقم جيڪا هن ايڪٽ جي عمل ۾ آڻڻ سان متاثر ٿي هجي.

41. **جڏهن معاوضو قابل ادائگي هجي**: سيڪشن 39 هيٺ عطا ڪيل معاوضي لاءِ ادائگيءَ جوڳي رقم، اهڙي معاوضي جي دعوا ڪرڻ کان پوءِ ٽن مهينن ۾ واجب الادا ٿي ويندي.

*منافعو*: ۽ ساليانو 6 سيڪڙو جي شرح تي سادو منافعو، چاڻايل ٽن مهينن کان پوءِ، اهڙي ڪنهن حساب جي ادا نہ ٿيڻ جي حالت ۾ ڏنو ويندو، پر اِها حالت ان صورت ۾ لاڳو نہ ٿيندي، جڏهن اهڙي حساب جي عدم ادائگي، رقم لاءِ دعويدار جي درخواست ڪرڻ يا ان کي وصول کان انڪار يا لاپرواهيءَ جي ڪري ٿي آهي.

*زمين جي وصولي ۽ مسواڙ ۾ ڪٽوتي*

42. **پاڻيءَ جي فراهميءَ جي رڪجڻ تي محصول جي تقاضا جي ڪٽوتي**: جيڪڏهن (2)[صوبائي حڪومت] کي محصول ادا ڪندڙ ڪنهن زمين کي پاڻيءَ جي فراهميءَ جي رڪجڻ يا ان ۾ ڪوٽ جي مد ۾، سيڪشن 39 هيٺ، عطا ڪيل معاوضي ڏنو ويو آهي ۽ اهڙيءَ زمين جي مد ۾ ادائگيءَ جوڳي محصول جي رقمَ،

پاڻيءَ جي فائدن، جيڪي اُتي لاڳو ٿين ٿا، جي حوالي ڪان طئہ ڪئي ويئي آهي تہ جاڻايل زمين جو مالڪ، (3)[ڪليڪٽر] پاران طئہ ڪيل حد جي لحاظ ڪان ادائگيءَ جوڳي محصول جي رقم جي ڪٽوتيءَ جو حقدار هوندو.

**43. پاڻيءَ جي فراهميءَ جي روڪ تي ننڍي ملڪيت دار جي ڀاڙي ۾ ڪٽوتي: ڪنهن زمين، جنهن جي سلسلي ۾**

*(1) 1984 ع جي سنڌ آرڊيننس XXVII سيڪشن. 3 وسيلي "ٻارهن پيرن تي" لاءِ متبادل.*

*(2) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*

*(3) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

معاوضي ادا ڪيو ويو آهي، جو هر هڪ نئين ملڪيت دار، جيڪڏهن جاٽايل معاوضي جو ڪوبہ حصو وصول نٿو ڪري تہ هو ملڪيت جي گهٽايل قدر جي تناسب ۾، هن پاران وڏي ملڪيت رکندڙ کي اڳوٽي ادائگيءَ جوڳي مسواڙ مان ڪٽوتيءَ جو حقدار هوندو.

*پاڻيءَ جي فراهميءَ جي بحال ٿيڻ تي نئين ملڪيتدار جي مسواڙ ۾ واڌ:*
پر، جيڪڏهن پاڻي جي فراهمي جيڪا زمين جي قدر ۾ ان جي بحالي ڪانپوءِ اضافو ڪري تہ ان صورت ۾ اها قيمت نئين ڪاتيدار تي ايندي، تہ وڏو ملڪيت دار، اهڙي وڌيل قدر جي تناسب سان، مسواڙ کي وڌائڻ جو حقدار هوندو. شرط اهو آهي تہ ان معاملي ۾، وڌايل مسواڙ، ڪٽوتيءَ کان اڳ نئين ملڪيت دار کان ادائگيءَ جوڳي مسواڙ کان وڌي نہ ويندو هجي، جيستائين وڏو ملڪيت دار، هن سيڪشن هيٺ، آزاداڻي نموني، اڳوٽي مسواڙ کي وڌائڻ جو حقدار نہ ٿي وڃي.

# ڀاڱو ڇهون

## پاڻيءَ جي اگهن لاءِ

### فراهميءَ جا اگهه

44. **ڪئنال جي پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ اگهن جو تعين:** اهڙا اگهه آبپاشيءَ جي مقصدن لاءِ فراهم ڪيل ڪئنال جي پاڻيءَ تي لاڳو ٿيندا، يا ٻين مقصدن لاءِ لاڳو ٿيندا، جن جو تعين (1)[صوبائي حڪومت] وقت بوقت ڪندي.

2 [جيڪڏهن ڪنهن نئين ڪئنال جي تعمير يا سڌاري يا موجوده ڪئنال جي وسعت جي ڪري، ڪنهن ڪئنال مان ڪا فراهمي ڪئي ويئي آهي، يا ڪئنال منجهان ڪنهن پاڻيءَ جو مقدار يا مدت وڌي آهي ته صوبائي حڪومت، گذريل زماني کي نظر ۾ رکندي، ڪنهن تاريخ، جيڪا اُن ڏينهن کان اڳ ۾ نه هوندي، جنهن تي پاڻيءَ جي فراهمي ڪئي ويئي هئي يا ان جو مقدار ۽ مدت وڌائي ويئي هئي، اهڙيءَ پاڻيءَ جي فراهميءَ يا وڌيل پاڻيءَ جي فراهميءَ جي سلسلي ۾، پاڻيءَ جا اگهه يا وڌايل پاڻيءَ جا اگهه، جيڪا به صورت هجي، مقرر ڪندي]

*(1) اي او 1937 ع وسيلي "G. in C" جي جاءِ تي آندل.*
*(2) 1969 ع جي ڊبليو پي آرڊيننس. XXXVIII وسيلي ٻئين پيرا لاءِ قائم ڪيل.*

اهڙا اگهه ان شخص کي ادا ڪرڻا پوندا، جنهن جي درخواست تي فراهمي عطا ڪئي ويئي هئي، يا جيڪو شخص اهڙو فراهم ڪيل پاڻي استعمال ڪري ٿو.

## اتفاقي اگهه

45. **جيڪڏهن ڪو شخص غير قانوني طريقي سان پاڻي جو استعمال ڪري انهيءَ تي ڏنڊ، جنهن جي نشاندهي نه ٿي سگهي:** جيڪڏهن ڪنهن واٽر ڪورس وسيلي فراهم ڪيل پاڻي، غير قانوني طريقي سان استعمال ٿي رهيو آهي، ۽ جيڪڏهن اهڙي شخص، جنهن جي عمل يا ڪوتاهيءَ جي ڪري اهو استعمال واقع ٿيو آهي، جي نشاندهي نٿي ٿئي، يا ڪو هڪ شخص يا گهڻا شخصَ، جن جي زمين ۾ اهڙو پاڻي وهيو آهي، جيڪڏهن اهڙيءَ زمين انهيءَ پاڻيءَ مان فائدو ڪنيو آهي، يا ڪنهن زمين مان فائدو ناهي ڪنيو، ته اهڙيءَ حالت اُهو هڪ شخص يا سڀ شخص اهڙيءَ پاڻيءَ جي فراهميءَ وسيلي چورايل پاڻيءَ جي سلسلي ۾ باز پرس جوڳا هوندا، اُهي اهڙي استعمال لاءِ، *[صوبائي حڪومت] جي سيڪشن 70 هيٺ طئه ڪيل اصولن موجب گڏيل نموني ڏنڊ ڀرڻ جوڳا هوندا.

46. **پاڻي زيان ڪرڻ لاءِ وهائڻ جي حالت ۾ ڏنڊ:** جيڪڏهن ڪنهن واٽر ڪورس وسيلي فراهم ڪيل پاڻي زيان ڪرڻ لاءِ وهايو ويو آهي ۽ جيڪڏهن انڪوائريءَ ڪان پوءِ، اُن ماڻهوءَ جي نشاندهي نٿي ٿئي، جنهن جي عمل يا ڪوتاهيءَ جي ڪري اهڙو پاڻي وهائي زيان ڪيو ويو آهي، ته ان صورت ۾ اُهو هڪ شخص يا گهڻا شخص گڏيل ذميوار هوندا، جيڪي اهڙو پاڻي ڪٽن ٿا، اُهو هڪ شخص يا گڏيل شخص، جيڪا به صورت هجي، ڏنڊ ڀري ڏيڻ لاءِ جوابدار هوندا، جيڪو سيڪشن 70 هيٺ

**46. پاڻي زيان ڪرڻ لاءِ وهائڻ جي حالت ۾ ڏنڊ:** جيڪڏهن ڪنهن واٽر ڪورس وسيلي فراهم ڪيل پاڻي زيان ڪرڻ لاءِ وهايو ويو آهي ۽ جيڪڏهن انڪوائريءَ کان پوءِ، اُن ماڻهوءَ جي نشاندهي نٿي ٿئي، جنهن جي عمل يا ڪوتاهيءَ جي ڪري اهڙو پاڻي وهائي زيان ڪيو ويو آهي، ته ان صورت ۾ اُهو هڪ شخص يا گهڻا شخص گڏيل ذميوار هوندا، جيڪي اهڙو پاڻي ڪڻن ٿا، اُهو هڪ شخص يا گڏيل شخص، جيڪا به صورت هجي، ڏنڊ ڀري ڏيڻ لاءِ جوابدار هوندا، جيڪو سيڪشن 70 هيٺ * [صوبائي حڪومت] جي طئه ڪيو اصولن موجب، انهيءَ زيان ڪيل پاڻيءَ جي سلسلي ۾ ورتو ويندو.

هن سيڪشن ۽ پوئين سيڪشن هيٺ اٿندڙ سيني سوالن جو فيصلو، سيڪشن 67 جي بندوبستن جي پوئواريءَ ۾، انهيءَ ڏس ۾ باضابطه طور بااختيار ڪئنال آفيسر ڪندو

* (3) اي او 1937ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.

**47. ڏنڊ ڪان سواءِ اوڳاڙيءَ جوڳي رقم:** غيرقانوني استعمال يا پاڻيءَ جي زيان لاءِ سموريون واجب الادا ادائگيون، اهڙي استعمال يا زيان جي حساب سان مقرر ڪيل ڏنڊ ڪان سواءِ پاڻيءَ جي اگهن طور اوڳاڙيون وينديون.

*سيمو يا ڪنهن روڻ واري پاڻي جا اگهه*

**48. زمين جيڪا سيمي منجهان فائدا ڪٽي رهي آهي، اها پاڻيءَ جي اگهن پرڻ لاءِ جوبدار هوندي:** جيڪڏهن هن ان مان ظاهر ٿئي ته هن سيڪشن جي لاڳو ٿيڻ تي عملدرآمد ڪرڻ لاءِ باضابطه طور بااختيار ڪئنال آفيسر کي لڳي ٿو ته ڪا ٻن سون گزن تائين جي زمين، ڪنهن ڪئنال مان اهڙي سيمي يا ڪنهن روڻ مان پاڻي ڪٽي ٿي، اِهو هڪ اهڙو فائدو آهي، جيڪو ڪئنال مان سڌي طريقي سان پاڻي جي فراهمي مان وٺي سگهجي ٿو.

يا ڪنهن آباد ڪيل زمين، جيڪا ڪتي به موجود هجي، متاڃري واري وهڪري مان پاڻي ڪٽي ٿي، يا اهڙي ڪئنال ۾ پاڻيءَ جي اچڻ ڪان پوءِ ڪئنال جي ٻه سئو گزن اندر، ڪنهن ڪوٽيل کوهه ذريعي پاڻي ڪٽي ٿو، اها اهڙي پاڻيءَ جي فراهمي آهي، جيڪا انهيءَ ڪئنال مان سيمي يا روڻي جي صورت ۾ آئي آهي.

اهڙيءَ حالت ۾ هُو (ڪئنال آفيسر) اهڙيءَ زمين تي محصول مقرر ڪندو، جيڪو انهيءَ محصول ڪان متي نه هوندو، جيڪو ساڳيي نموني آباد ڪيل زمين کي ساڳي سڌيءَ فراهميءَ لاءِ عام طرح ورتو وڃي ها.
هن ائڪٽ جي مقصدن لاءِ، هن سيڪشن هيٺ ادائگي لاڳو ڪيل زمين، ڪنهن ڪئنال منجهان پاڻي ڪٽي آباد ڪيل زمين سمجهي ويندي.

### *پاڻيءَ جي اگھن ۾ بين بقاياجات هيٺ وصولي*

**57. پاڻيءَ جا اگھہ ڪڏهن ۾ ڪنهن کي ادا ڪيا ويندا:** هن سيڪشن هيٺ، لاڳو ڪرڻ جوڳو پاڻيءَ جو هر هڪ اگھہ، انهن قسطن ۾، انهن تاريخن تي ۽ اهڙن آفيسرن کي ادا ڪرڻ جوڳو هوندو، جنهن جو تعين، وقت بوقت، * [صوبائي حڪومت]

** 1) اي او 1937 ع وسيلي " "G. in C جي جاءِ تي آندل.*

(1) [يا (2)[ڪنهن (3)[ڪمشنر]] جي حڪمن هيٺ ڪيو ويو هجي، جنهن کي (4)[صوبائي حڪومت] ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايو هجي.
*زمين جي محصول طور اوڳاڙيءَ جوڳيون بقايائون:* اهڙي ڪنهن به اگهه يا اگهه جي قسط جيڪا پنهنجي مقرر ڪيل تاريخ تي ادا نه ڪئي ويئي آهي، ۽ ڪوبه حساب جيڪو (4)[صوبائي حڪومت]يا ڪنهن ڪئنال آفيسر موجب (4)[صوبائي حڪومت] ۽ ٻاڱي ٿئين هيٺ (5) [***] ڪنهن شخص پاران رهيل آهي، جيڪو طلبڻ کان پوءِ به ادا نه ڪيو ويو آهي، اهو قانون پٽاندر ۽ زمين جي محصول جي بقايائن جي اوڳاڙيءَ لاءِ وقت ۾ موجود عمل ۾ آندل اصولن هيٺ، اوڳاڙيءَ جوڳو هوندو.

*واٽر ڪورسن جي مالڪن جو واجب الادا زمين جي محصول جي بقايائن طور اوڳاڙيءَ جوڳي مسواڙ:* اهڙي واٽر ڪورس کي استعمال ڪرڻ لاءِ قانوني طرح اجازت ڏنل شخص پاران واٽر ڪورس جي مالڪ کي ادائگيءَ جوڳي مسواڙ، قسطن ۾ ۽ انهن تاريخن تي ادا ڪرڻ جوڳو هوندو، جيئن باضابطه طور بااختيار ڪئنال آفيسر هدايت ڪندو، ۽ مسواڙ مٿي بيان ڪيل قانون ۽ اصولن جي پوئواريءَ ۾ مالڪ پاران اوڳاڙيو ويندو.

بشرطيڪ اُهو سدائين، ڪنهن بہ وقت، مالڪ کي ان کان وڏيڪ ادائگيءَ جوڳو نہ هوندو، جيڪو حقيقي نموني ڄاڻايل ماڻهوءَ کان وصول ڪيو ويو آهي.

## ڀاڱو ستون

### هنگامي حالتن ۾ ڪئنالن لاءِ پورهيو حاصل ڪرڻ

**58. هنگامي طرح گهربل ڪمن ۽ مرمتن لاءِ پورهيي حاصل ڪرڻ جو طريقو :**

---

*(1) سنڌ رپيلنگ ائنڊ اميندنگ ائڪٽ 1910 ع (1910 ع جي سنڌ 1) سيڪشن. 2، شيڊيول. 1. پارٽ. II، سيريل نمبر. 12 وسيلي داخل ڪيل.*

*(2) 1974 ع جي سنڌ ائڪٽ XXVII، سيڪشن. 2 شيڊيول، وسيلي "دي روينيو ڪمشنر" لفظن جي جاءِ تي آندل، جنهن کي پوئين پيري 1955 ع جي سنڌ آرڊيننس 5 وسيلي "ايني ڪمشنر" بڻايو ويو هو.*

*(3) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

*(4) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*

*(5) 1886 ع جي سنڌ ائڪٽ، شيڊيول بي وسيلي لفظ "آف دس ائڪٽ" بدلايل.*

هن سيڪشن جي هيٺ عمل ڪرڻ لاءِ باضابطہ طور بااختيار ڪئنال آفيسر کي لڳي تہ جيستائين ڪجھ ڪم يا مرمت فوري طرح شروع ڪئي نہ ويندي تہ ڪنهن ڪئنال کي سخت نقصان رسندو، جيڪو اوچتي ۽ شديد عوامي هاجي جو سبب بڻجندو،

يا، اهو تہ ڪئنال جي صفائي يا ٻيو ڪو ڪم جيڪو قائم ڪيل آبپاشيءَ جي وهڪري کي بحال حالت ۾ رکڻ لاءِ شروع ڪرڻ ضروري آهي نہ تہ ڳنڀير عوامي نقصان واقع ٿيندو،

۽ اهو بہ تہ اهڙي مرمت، صفائيءَ يا ڪم جي درست شروعات لاءِ ضروري پورهيتن جو عام طريقي سان وقت اندر انتظام نٿو ٿي سگهي ۽ اهڙي هاجي يا نقصان کان بچڻ لاءِ ڪم جي شروعات واسطي وقت وڃائي نٿو سگهجي،

اهڙيءَ حالت ۾، جاڳايل آفيسر، پنهنجي هٿ هيٺ حڪم وسيلي، هدايت ڪري سگهي ٿو. هو هن سيڪشن جا بندوبست، اهڙيءَ مرمت، صفائيءَ يا ڪم جي ڪرڻ لاءِ عمل ۾ آڻيندو ۽ هر ڪنهن صحتمند جسامت واري ماڻهوءَ، جيڪو اُتي رهي ٿو ۽ انهيءَ هنڌ جي اوسي پاسي زمين جو مالڪ آهي، جتي مرمت، صفائي يا ڪم شروع ڪيو وڃڻو آهي، سندس نالو انهيءَ فهرست ۾ شامل، جيڪا اڳتي جاڳائي ويندي، اُهو، اهڙي آفيسر يا ان پاران اختيار ڏنل ماڻهوءَ کي انهيءَ ڏس ۾ گهربل آهي، تہ هُو ان طريقي اهڙي مرمت، صفائيءَ يا ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ پابند هوندو، جنهن طريقي ڪيس اهو آفيسر يا اختيار ڏنل شخص هدايت ڏئي.

پورهيو ڪندڙ سيئي پورهيت اجوري جا حقدار هوندا، اجوري جا اڳهہ انهن وڏ ۾ وڏ اڳهن کان گهٽ نہ هوندا، جيڪي هلندڙ وقت ۾ پرپاسي ۾ ساڳيي پورهيي جي مد ۾ ڏنا ويندا آهن.

59. **پورهين جي فهرست:** انهن اصولن، جيڪي انهيءَ ڏس ۾ سيڪشن 70 هيٺ وقت بوقت جاڙايا وڃن، جي پوئواريءَ ۾، *[ڪليڪٽر] اهڙن ماڻهن جي فهرست جوڙيندو، جيڪي متي ڄاڻايل طريقي سان مدد ڪرڻ لاءِ موجود رهڻ جا ذميوار هوندا، ۽ هو وقت بوقت انهيءَ فهرست يا ان جي ڪنهن حصي ۾ واڌارا يا تبديليون ڪري سگهي ٿو.

** سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

**60. ڪئنال آفيسر پاران ڪيون ويندڙ رپورٽون:** سيڪشن 58 هيٺ ڪيل سيني حڪمن جي رپورٽ فوري طرح (1)[ڪليڪٽر] کي ڪئي ويندي (2) [***] ۽ اهڙيءَ طرح آبپاشيءَ جي چيف انجنيئر کي، (3)[صوبائي حڪومت] جي معلومات لاءِ اماڻي ويندي.

## ڀاڱو_ اٺون

### ڏنڊ لاءِ

61. **ڪئنال وغيره کي نقصان رسائڻ لاءِ:** ڪو به رضاڪاراڻي نموني ڪنهن به درست اختيار کان سواءِ:

(1) ڪنهن ڪئنال کي نقصان رسائي ٿو، ان کي ويڪرو ڪري ٿو يا رنڊڪ پيدا ڪري ٿو؛

(2) ڪئنال سان هٿ چراند ڪري ٿو، ان جي پاڻيءَ جي فراهميءَ کي يا ڪنهن به ڪئنال کان، منجهان، مٿان ۽ هيٺان پاڻيءَ جي وهڪري کي وڌائي يا گهٽائي ٿو يا ڪنهن ڪئنال ۾ پاڻيءَ جي سطح کي ڪنهن طريقي سان وڌائي ۽ گهٽائي ٿو؛

(3) ڪنهن ڪئنال جي پاڻيءَ کي بگاڙي يا گدلو ڪري ٿو ته جيئن اهو انهيءَ مقصد لاءِ گهٽ مناسب رهي، جنهن مقصد لاءِ اهو عام طور استعمال ٿيندو آهي؛

(4) سرڪاري ملازم جي اختيار سان مقرر ڪيل سطح جي نشاني يا پاڻيءَ جي گيج کي تباهه ڪري ٿو، ان جي صورت بگاڙي ٿو يا ان کي چَوري ٿو؛

(5) ڪنهن بہ ڪئنال ۾ پاڻيءَ جي وهڪري کي ڪنٽرول ڪرڻ، هلائڻ يا ان کي ماپڻ لاءِ ڪنهن اوزار يا اوزار جي حصي کي تباهہ ڪري ٿو، ان سان هٿ چراند ڪري ٿو يا ان کي ختم ڪري ٿو؛

(6) سيڪشن 70 هيٺ جوڙيل اصولن جي ابتڙ، ڪئنال جي چئنلن جي ڪمن يا ڪنارن تان ۽ انهن جي آرپار جانور ۽ گاڏيون گذاري ٿو يا گذارڻ جو ڪارڻ بڻجي، اُتي هن کي ان خواهش کان پري رکيو ويندو

(1) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

(2) 1972 ع جي آرڊيننس نمبر. 3 وسيلي خارج ڪيل

(3) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.

(7)ڪنهن ڪئنال يا ٻوڏ جي بند تي، ڄاڻي واڻي ۽ ارادي سان، چوپايا مال چاري ٿو يا چارائي ٿو، يا ڪنهن ڪئنال يا ٻوڏ جي بند تي، ڄاڻي واڻي ۽ ارادي سان، مال ڇوڙي يا ڇوڙائي ٿو، ڪنهن ڪئنال يا ٻوڏ جي بند تي ڦٽندڙ گاهه يا ساوڪ پاڙ کان پٽائي ٿو، يا ڪنهن ڪئنال يا ٻوڏ جي بچاءَ جي ارادي سان لڳايل ڪنهن وڻ، ٻوٽي، گاهه يا ٻُوڙي کي ختم ڪري ٿو يا وڍي ٿو يا ڪنهن ٻئي نموني نقصان ڏئي ٿو يا ختم ڪرڻ ، وڍڻ يا ٻئي نموني نقصان ڏيڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿو؛

(8) ڪنهن به جوڳي سبب کان سواءِ، سيڪشن 58 هيٺ قانوني طرح ڪم لاءِ پابند هوندي به، ڪنهن مرمت، صفائيءَ يا ڪم جي ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ کي نظرانداز ڪري ٿو ۽ اهڙي مدد ڏيڻ کان انڪار جاري رکي ٿو؛

(9) گهاري لاءِ، سيڪشن 70 هيٺ ناهيل اصول جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾، جنهن تي صوبائي حڪومت، اهڙن اصولن موجب، هدايت ڏيندي ته ڏنڊ لڳائي سگهي ٿي؛

۽ ڪو به:

(10) ذميوار آهي، واٽر ڪورس جي سارڻ سنڀالڻ لاءِ، واٽر ڪورس کي استعمال ڪرڻ لاءِ، پاڻيءَ جي زيان جي احتياط لاءِ درست اپائن وٺڻ کي نظرانداز ڪري ٿو يا پاڻيءَ جي قانوني ورڇ سان هٿ چراند ڪري ٿو، يا اهڙي پاڻيءَ کي غيرقانوني طريقي سان استعمال ڪري ٿو، يا واٽر ڪورس کي استعمال ڪرڻ لاءِ قانوني طرح اجازت ڏنل ڪنهن شخص پاران اهڙي واٽر ڪورس جي قانوني استعمال کان روڪي يا ان ۾ مداخلت ڪري ٿو يا سيڪشن 23 هيٺ اُتي گڏيل مالڪ قرار ڏنل آهي؛

تہ اهڙي شخص، جڏهن سندس عملُ، *[پاڪستان] پينل ڪوڊ جي معنيٰ اندر شرارت جي ڏوهہ جي حد تائين ناهي، يا اُهو ڪنهن جج اڳيان پيش ٿيل سزايابيءَ جو عمل ناهي، ڪي اهڙي ڏوهہ جي سلسلي ۾

*(1)لفظ "انڊين" لاءِ (30هين مارچ 1951 ع کان) سنڌ جي قانونن (موافقت، نظرثاني، منسوخي ۽ اعلان) آرڊيننس، 1955 ع، (1955 ع جو سنڌ سيڪشن: 5) وسيلي بدلايل.*

(3) هڪ مدي، جيڪو 2[ٻن سالن] جي حد تائين ٿي سگهي ٿو، لاءِ قيد يا [ ڏنڊ جيڪو ٽن هزار رپين تائين ٿي سگهي ٿو جي] يا ٻنهي صورتن جي سزا ڏني ويندي. (4)[******]

62. **ڪئنال وغيره جي جٽاداريءَ کي خطري ۾ وجهڻ لاءِ**: ڪوبه بنا ڪنهن اختيار جي:

(1) ڪنهن ڪئنال ۾ سوراخ ڪري ٿو ۽ ان ۾ ڪَٽ وجهي ٿو يا سوراخ ڪرڻ يا ڪٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ڪئنال کي نقصان رسائي ٿو، تباهه ڪري ٿو يا اُن جي جٽاداريءَ کي خطري ۾ وجهي ٿو؛

(2) ڪنهن به ڪئنال جي دروازي کي کولي ٿو، بند ڪري ٿو يا ان ۾ رنڊڪ پيدا ڪري ٿو يا کولڻ، بند ڪرڻ يا رنڊڪ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو؛

(3) پاڻيءَ جي رخ ڦيرڻ، يا نديءَ يا ڪئنالن، جنهن جي ڪناري تي ٻوڏ جو بند موجود آهي، جي وهڪري کي مخالف پاسي ڏي ڦيرڻ جي مقصد لاءِ ڪو ڊئم يا رنڊڪ ناهي ٿو، يا اهڙي ڪنهن ڊئم يا رنڊڪ کي ختم ڪرڻ کان انڪار ٿو يا لنوائي ٿو، جڏهن قانوني طرح ايئن ڪرڻو آهي؛

تہ اهڙي شخص، جڏهن سندس عملُ، (5)[پاڪستان] پئنل ڪوڊ، [1860ع جي XLV] جي معنيٰ اندر شرارت ڪرڻ جي ڏوهه جي حد تائين ناهي،

يا اُهو ڪنهن جج اڳيان پيش ٿيل سزايابيءَ جو عمل ناهي، ڪي (6)اهڙي ڏوهه جي سلسلي ۾ هڪ مدي، جيڪو (7)[ٽن سالن] جي حد تائين ٿي سگهي ٿو، لاءِ قيد يا ڏنڊ جيڪو (7)[پنج هزار رپين] تائين ٿي سگهي ٿو، جي سزا ڏني ويندي.

---

*(1) 1976 ع جي سنڌ ائڪٽ VI, سيڪشن. 4 وسيلي بدلايل.*

*(2) سنڌ آرڊيننس. نمبر VII، 1999، دي سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Pt. I، تاريخ 27هين مارچ 1999 ع وسيلي لفظن "ٽن مهينن" جي جاءِ تي آندل.*

*(3) حوالو ساڳيو: لفظن "هڪ هزار رپين" جي جاءِ تي آندل.*

*(4) 1940 ع جي سنڌ 15، سيڪشن، 2 ۽ سنڌ جنرل ڪلازز ائڪٽ 1886 ع (1886 ع جي سنڌ 3) شيڊيول. بي وسيلي لفظ خارج ڪيل.*

*(5) "انڊين" لاءِ (30هين مارچ 1951 ع کان) سنڌ جي قانونن (موافقت، نظرثاني، منسوخي ۽ اعلان) آرڊيننس، 1955 ع، (1955 ع جو سنڌ سيڪشن: 5) وسيلي بدلايل.*

*(6)1975 ع جي ائڪٽ VI، سيڪشن 5. وسيلي بدلايل*

*(7) سنڌ آرڊيننس. نمبر VII، 1999، دي سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Pt. I، تاريخ 27هين مارچ 1999 ع وسيلي لفظن "هڪ سال" ۽ "ٻن هزار رپين" جي جاءِ تي آندل.*

(1) [62 **اي. اڪسائڻ جي سزا:** جيڪو به ڏوهه ڪرڻ تي اڪسائي ٿو، اُن کي هن ائڪٽ هيٺ سزا ڏني ويندي، جهڙوڪ هن پاڻ ڏوهه ڪيو آهي.

**وضاحت:** ڪوبه سرڪاري ملازم جيڪو چشم پوشي ڪري ٿو يا سڌيءَ يا اڻسڌيءَ طرح ڪنهن ڏوهه جي ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو، ان کي اُڪسائيندڙ سمجهيو ويندو.]

(2) [62 **بي: ضمانت نه ٽيڻ جوڳو ڏوهه:** اهڙو ڏوهه جيڪو سيڪشن 61 يا 62 هيٺ سزا جوڳو آهي، اُهو ضمانت نه ٽيڻ جوڳو هوندو.]

(3) [62 **سي**:(1)ڪنهن اختياري، يا ڪنهن ماڻهوءَ جي حق ۾ ڪنهن عدالت جي ڪنهن فيصلي يا فرمان وسيلي گرانٽ يا ليز باوجود، سيني قدرتي يا هٽرادو لاهيءَ وارن وهڪرن جي زمين، جيڪا ٻوڏ يا مينهن جي پاڻين جي اخراج جي مقصد سان آهي، سرڪار وٽ ئي رهندي ۽ اهڙي مقصد لاءِ خاص طرح استعمال ڪئي ويئي.

(2) ڪنهن به شخص جي قبضي ۾ سب سيڪشن (1) ۾ ڄاڻايل سرڪاري زمين آهي ته هُو اُها هن ائڪٽ جي عمل ۾ اچڻ جي سٺن ڏينهن اندر خالي ڪندو.

(3) سب سيڪشن (2) جي گهرج هيٺ، ڪوبه شخص زمين خالي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا 10 سالن جي عرصي تائين ٿي سگهي ٿي ۽ هُو ڏنڊ جو به حقدارُ ٿي سگهي ٿو، جيڪو ڏهن لکن تائين سگهي ٿو.

بشرطيڪ، هن سب سيڪشن هيٺ سزا جوڳو ڏوهہ ضمانت نہ ٿيڻ جوڳو هوندو.]

**63. رنڊڪ ختم ڪرڻ ۽ نقصان جي مرمت ڪرڻ:** جڏهن بہ ڪو شخص پوين ٻن سيڪشنن مان ڪنهن بہ هڪ سيڪشن هيٺ سزايافتہ آهي، تہ سزا ڏيندڙ جج اهڙو حڪم ڏئي سگهي ٿو تہ هُو حڪم ۾ مقرر ڪيل عرصي اندر، رنڊڪ ختم ڪندو يا نقصان جي مرمت ڪندو، جنهن جي ڪري کيس سزا ڏني ويئي آهي. جيڪڏهن اُهو شخص مقرر ڪيل

*(1) 1976 ع جي سنڌ ائڪٽ VI، سيڪشن. 6 وسيلي سيڪشن 62 اي داخل ڪيل.*

*(2) سنڌ آرڊيننس. نمبر VII، 1999، دي سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Pt. I، صفحو نمبر 189 زيد، تاريخ 27هين مارچ 1999 ع وسيلي سيڪشن 62 بي داخل ڪيل.*

*(3) سنڌ اريگيشن (ترميمي) ائڪٽ 2011 ع، 2012 ع جو سنڌ ائڪٽ نمبر VII، تاريخ 20هين مارچ 2012 ع وسيلي سيڪشن 62 سي داخل ڪيل.*

عرصي اندر اهڙي حڪم ڪي مڃڻ کان انڪار يا لاپرواهي ڪري ٿو ته انهي سلسلي ۾ باضابطه طور بااختيار ڪئنال آفيسرُ، اهڙي رنڊڪ ختم ڪندو يا نقصان جي مرمت ڪندو، ۽ انهيءَ خاتمي ۽ مرمت جو خرچ، جيڪو انهيءَ ڄاڻايل آفيسر پاران تصديق ٿيل هوندو، *[ڪليڪٽر] پاران، زمين جي محصول جي بقايائن طور، انهيءَ شخص تي لاڳو هوندو.

64. **ماڻهو، جن ڪي ڪئنال تي ملازم طور رکيو ويو آهي، اُهي ڏوهيءَ کي حراست ۾ وٺي سگهن ٿا:** ڪوبه ماڻهو جيڪو انچارج آهي يا اُتي ملازم آهي، اُهو ڪنهن به اهڙي شخص کي، زمينن يا لاڳاپيل عمارتن مان تڙي سگهي ٿو، ان کي ڪنهن به وارنٽ کان سواءِ حراست ۾ رکي سگهي ٿو، ۽ هن کي قانوني ڪارروائيءَ لاءِ ماجسٽريٽ اڳيان يا پوليس اسٽيشن تي پيش ڪري سگهي ٿو، جيڪو سندس خيال ۾:

(1) ڄاڻي واڻي ڪنهن ڪئنال کي نقصان رسائي ٿو، رنڊڪ يا خرابي پيدا ڪري ٿو، يا

(2) ڪنهن به جائز اختيار کان سواءِ پاڻيءَ جي فراهميءَ يا وهڪري سان، ڪئنال ۾ يا کان، يا ڪنهن نديءَ يا وهڪري ۾ مداخلت ڪري ٿو ته جيئن ان کي خطري ۾ وجهجي، نقصان ڏجي ، ان کي خطرناڪ يا ان کي گهٽ مفيد بڻائجي.

65. **ٻين قانونن هيٺ مقدمي کان بچاءُ:** هِن ۾ شامل ڪيل ڪابه شيءِ ناهي، جيڪا هن ائڪٽ هيٺ سزا جوڳي قرار ڏنل ڪنهن غلط عمل لاءِ ٻئي ڪنهن قانون هيٺ قانوني ڪارروائي ٿيڻ کان ڪنهن شخص کي بچائيندي.

پر شرط آهي ته ڪوبه شخص هڪ يا ساڳيي عمل يا غلطي جي سلسلي ۾ ٻه ڀيرا سزا نه ڏني ويندي.

**66. مخبر لاءِ انعام طور ڏنڊ جي رقم:** جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص تي هن ائڪٽ هيٺ ڏنڊ رکيو ويو آهي تہ عدالت، جيڪا اهڙو ڏنڊ مڙهي ٿي يا اهڙي ڏنڊ جي سزا جي اپيل يا نظرثانيءَ ۾ تصديق ڪري ٿي، يا اُها سزا جنهن جو ڏنڊ حصو آهي، اُها اهڙي هدايت ڪري سگهي ٿي تہ انهيءَ ڏنڊ جي رقم پوري يا ان جو حصو، انهيءَ شخص کي انعام طور ڏنو وڃي، جنهن اهڙي ڏوهہ جي پڪڙجڻ ۾ يا ڏوهيءَ کي سزا ڏانهن وٺي وڃڻ واري ڄاڻ ڏني هئي.

* سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

جيڪڏهن ڏنڊ عدالت پاران لڳايل آهي، جنهن جو فيصلو، اپيل يا نظرثانيءَ جي ماتحت آهي، ته انعام انهيءَ وقت تائين نه ڏنو ويندو، جيستائين اپيل جي پيشڪش لاءِ ڄاڻايل وقت گذري نه ويو آهي، يا جيڪڏهن اپيلَ،اپيل جي فيصلي کان پوءِ تائين پيشڪش ڪئي ويئي آهي.

## ڀاڱو نائون

### متفرق

**67. ائڪٽ هيٺ حڪمن خلاف اپيلون:** سيڪشنن 13، 18، 25 (1)[28 اي]، 30، 45، 46، 48، هيٺ ڪئنال آفيسر جي جاري ڪيل هر هڪ حڪم، (2)[ڪليڪٽر] وٽ اپيل جوڳو هوندو.

بشرطيڪ، اپيل، انهيءَ تاريخ جي سٺ ڏينهن اندر ڪئي ويئي آهي، جنهن تاريخ تي اپيل ڪيل حڪمُ درخواست گذار کي ڏنو ويو هو.

(4)[۽ بشرطيڪ سيڪشن 28 اي هيٺ، ڪئنال آفيسر جي حڪم خلاف اپيل ان وقت تائين ٻڌي نه ويندي، جيستائين درخواست گذار ڪئنال آفسير جي حڪم هيٺ ادائگيءَ جوڳي رقم جمع نه ڪرائي آهي.]

هن ائڪٽ هيٺ (2)[ڪليڪٽر] جا سڀ حڪم ۽ ڪارروايون، (5)[ڪمشنر] جي نگهبانيءَ ۽ ڪنٽرول سان مشروط هوندا (6)[***]، هن سيڪشن هيٺ ڪنهن حڪم جي منظور ٿيڻ ڪان اڳ ۾،

(1) 1976 ع جي سنڌ ائڪٽ VI، سيڪشن 7 وسيلي داخل ڪيل فگرس ائنڊ ليٽرس "28 اي"

(2) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

(3) سنڌ اريگيشن (ٻي ترميم) ائڪٽ، 1939 ع (1939 ع جي سنڌ (IIسيڪشن. 5 وسيلي "ٽرٽي _ ٽيهه" لاءِ بدلايل.

(4) 1976 ع جي سنڌ ائڪٽ VI، سيڪشن 7 وسيلي بندوبست ٻئي اضافو آندل

(5) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

(6) سنڌ جنرل ڪلازز ائڪٽ، 1886 ع، (1886 ع جي سنڌ 3) شيڊيول بي، وسيلي "آف د ڊويزن" لفظن جي جاءِ تي آندل.

(7) 1965 ع جي ڊبليو پي آرڊيننس، سيڪشن 3، شيڊيول II، وسيلي واڌارو ڪيل.

(1)[ڪليڪٽر] درخواست گذار يا ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي جيڪو اپيل ڪيل حڪم ڪان متاثر ٿيو هجي، کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪندو.

(68) **شاهدن کي طلب ڪرڻ ۽ جائزي وٺڻ جو اختيار:** هن ائڪٽ هيٺ انڪوائري منعقد ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايل آفيسرُ، شاهدن کي طلبڻ ۽ انهن جي جائزي وٺڻ ۽ دستاويزن جي پيشڪش سان لاڳاپيل سمورا اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو، جيئن اُهي سول پروسيجر جي ضابطي وسيلي سول ڪورٽن کي عطا ڪيا ويا آهن، ۽ اهڙي هر ڪا انڪوائري، عدالتي ڪارروائي ڄاتي ويندي.

69. **نوٽيس جي تعميل**:هن ائڪٽ هيٺ ڪنهن نوٽيس جي تعميل، نوٽيس ۾ ڄاڻايل آفيسر جي صحيح سان پهچائڻ يا حوالي ڪرڻ وسيلي ادا ڪئي ويندي. جڏهن بہ اهو ٿيڻ جوڳو آهي، تہ نوٽيس اُنهيءَ شخص کي ڏنو ويندو، جنهن جو نالو اُن ۾ موجود آهي. جيڪڏهن اهڙو ماڻهو نٿو ملي تہ اُهو انهيءَ بالغ مرد ڀاتيءَ کي ڏنو ويندو، جيڪو هُن سان گڏ رهي ٿو، ۽ جيڪڏهن ڪوبہ بالغ مرد نٿو ملي تہ نوٽيس انهيءَ گهر جي ٻاهرئين دروازي تي لڳايو ويندو، جنهن ۾ شخص رهندو آهي يا ڌنڌو ڪندو آهي؛ ۽، جيڪڏهن اهڙي ماڻهوءَ جي ضلعي ۾ رهڻ جي ڪا عام جاءِ نہ آهي تہ نوٽيس جي تعميل، انهيءَ شخص ڏانهن، رهائش جي عمومي ڏس پَتي تي رجسٽر ڪيل ٽپال وسيلي ڪئي ويندي.

(2)[69 **اي. جڏهن ڪنهن شخص کي عام طريقي سان نوٽيس نٿوڏئي سگهجي**: ڪو شخص، جنهن کي سيڪشن 69 ۾ ڄاڻايل طريقي سان تعميل نٿي ڪري سگهجي ۽ ان جي ڏس پتي جي ڪابہ خبر ناهي، تہ پوءِ اُها تعميل ڪنهن روزاني اردو، سنڌي يا ضلعي جي مقامي اخبار وسيلي ادا ڪئي ويندي.]

**70. اصولن ڪي جوڙڻ، تبديل ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ جو اختيار:** (3)[صوبائي حڪومت]وقت بوقت

*(1) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

*(2) 1976 ع جي سنڌ ائڪٽ VI، سيڪشن 8. وسيلي داخل ڪيل سيڪشن 69 اي.*

*(3) اي او 1937 ع وسيلي " "G. in Cجي جاءِ تي آندل.*

هن ائڪٽ جي غيرموافق اصولَ، هيٺين مامرن ڪي هلائڻ لاءِ جوڙي سگهي ٿي:
(اي) ڪنهن به آفيسر جون ڪارروايون، جيڪو هن ائڪٽ جي بندوبست هيٺ، ڪنهن مامري ۾ ڪا ڪارروائي ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايو ويو آهي.
(بي)اهي حالتون جن ۾، جن آفيسرن ڪي ۽ ڪن حالتن جي تابع، هن ائڪٽ جي ڪنهن بندوبست هيٺ حڪم يا فيصلا ڏنا ويا آهن، ۽ جيڪي ڇٽي نموني اپيل جي سلسلي ۾ فراهم ڪيل ناهن، اُهي اپيل جوڳا هوندا.
(سي) ڪوبه شخص جنهن ڪان، وقت، جاءِ يا جنهن طريقي ۾ يا جنهن طريقي سان، ڪنهن به شيءِ جي ڪرڻ لاءِ هن ائڪٽ ۾ شرط جوڙيا ويا آهن، پورو ڪيو ويندو.
(ڊي) هن ائڪٽ هيٺ ڪابه ادا ٿيندڙ رقم
(اِي) ۽ هن ائڪٽ جي شرطن جي، عمومي طرح، تعميل ڪرڻ.

(2)[صوبائي حڪومت] اهڙيءَ طرح جوڙيل ڪن اصولن ڪي وقت بوقت تبديل يا منسوخ ڪري سگهي ٿي.

*قائدن جي تشهير:* اهڙا قائدا، تبديليون ۽ منسوخيون، (3)[سرڪاري گزٽ] ۾ شايع ڪيا ويندا ۽ انهن ڪي قانون جي سگهه حاصل هوندي.

71. **شهري پاڻي جي ڪمن جو تحفظ:** هن ائڪٽ ۾ ڄاڻايل ڪابه شيءِ، ڪنهن شهر جي حد واري ڪئنال، چئنل، ذخيري، ڍنڍ يا پاڻيءَ جي بي ذخيرو ڪرڻ تي لاڳو ٿيندڙ نه سمجهي ويندي.

*(1) اصولن لاءِ ڏسو ايس. ايل. ار ائنڊ او.*

*(2) اي او 1937ع وسيلي "G. in C" جي جاءِ تي آندل.*

*(3) اي او 1937ع وسيلي "B.G.G." جي جاءِ تي آندل.*

## (1)[ڀاڱو_ ڏهون

### ٻئي درجي جي آبپاشي ڪمن لاءِ

72. **هن ڀاڱي جو لاڳو ٿيڻ:** هيءُ ڀاڱو رڳو ٻئي درجي جي آبپاشي ڪمن تي لاڳو ٿيندو.

73. **ٻئي درجي جي آبپاشي ڪمن جو نوٽيفڪيشن:** (1) (2)[صوبائي حڪومت] 3[سرڪاري گزٽ] ۾ نوٽيفڪيشن شايع ڪري سگهي ٿي، جيڪو:

(اي) اعلان ڪري ته اهو تجويز ڪيو وڃي ٿو ته ڪوبه ڪئنال، چينل، وهڪرو، ندي، پائيپ يا قدرتي يا هٿرادو ذخيرو، اتي موجود ڪوبه حصو مقرر ڪيو وڃي، پوءِ اهو (4)[صوبائي حڪومت] پاران تعمير ڪيو ويو هجي، بحال حالت ۾ رکيو ويو هجي يا ڪنٽرول ڪيو ويو هجي يا نه، جيڪو حقيقت ۾ آبپاشي، ڪنهن ٻئي درجي جي آبپاشي جي ڪم جي مقصدن لاءِ استعمال ڪيل آهي يا گهربل آهي.

(بي) طئه ٿيل هڪ عرصو، جيڪو اهڙي تجويز تي اعتراضن جي داخلا لاءِ (3)[سرڪاري گزٽ] ۾ اهڙي نوٽيفڪيشن جي شايع ٿيڻ جي تاريخ کان وٺي ٽن مهينن کان گهٽ نه هجي:

پر شرط اهو آهي ته ڪوبه هٿرادو ذخيرو يا واٽر ڪورس، جنهن ڪي ڪنهن اهڙي ذخيري منجهان پاڻيءَ جي فراهمي ڪئي وڃي ٿي، جيڪو آبپاشيءَ جي مقصدن لاءِ ڪنهن اڪيلي آبادگار پاران استعمال ڪيو وڃي ٿو، اهڙي

نوٽيفڪيشن ۾ شامل نہ ڪيو ويندو، سواءِ يا تہ انهيءَ آبادگار جي اجازت جي، يا جيڪڏهن (2)[صوبائي حڪومت] جو خيال آهي تہ اهڙي شموليت عوامي مفادن جي لحاظ کان، ضروري آهي، پوءِ ڪنهن بہ اجازت کان سواءِ، پر ادائگيءَ جي تابع، ان کي شامل ڪيو ويندو، ان کان اڳ، سب سيڪشن (3) ۾ ڄاڻايل اعلان نامو آبادگار ڏانهن جاري ڪيو ويندو، جنهن ۾ آبادگار جي پنهنجي حقن لاءِ معاوضو طئہ ٿيندو، جيئن اُهو سيڪشن 79 جي شرطن جي مطابق ٿيل آهي.

*(1) سنڌ اريگيشن (ترميم ڪيل) ائڪٽ، 1914 ع (1914 ع جي سنڌ 2) وسيلي ياڱو _ ڏهون شامل ڪيل.*

*(2) اي او 1937 ع وسيلي " "G. in C جي جاءِ تي آندل.*

*(3) اي او 1937 ع وسيلي " ".B.G.G جي جاءِ تي آندل*

*(4) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*

(2) (1)[سرڪاري گزٽ] ۾ اهڙي نوٽيفڪيشن جي شايع ٿيڻ کان پوءِ، ان کي، جيترو بہ جلد ممڪن هجي، (2)[ڪليڪٽر] پڻ شايع ڪندو _ ضلعي جي ٻوليءَ ۾، انهيءَ تعلقي جي (3)[مختيارڪار] جي دفتر ۾، جتي ڪم جو هنڌ موجود آهي، ۽ انهيءَ هر ننڍي شهر ۽ ڳوٺ ۾، جيڪو (2)[ڪليڪٽر] جي خيال ۾ انهيءَ نوٽيفڪيشن جي ڪري گهٽي ياڳي متاثر ٿيڻو آهي.

(3) مٿي ڄاڻايل طئہ ڪيل عرصي اندر وصول ٿيل اهڙن اعتراضن کي غور هيٺ آڻڻ کان پوءِ، (1)[سرڪاري گزٽ] ۾ نوٽيفڪيشن وسيلي (4)[صوبائي حڪومت] اهڙي ڪنهن ڪئنال، چئنل، وهڪري، نديءَ ، پائيپ يا ذخيري يا انهن جي ڪنهن حصي جو، ٻئي درجي جي آبپاشيءَ جي ڪم طور اعلان ڪندي.

74. (2)[**ڪليڪٽر**] **پاران اعلان:** جڏهن سيڪشن 73 جي سب سيڪشن (3) هيٺ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي تہ (2)[ڪليڪٽر] هڪ باضابطہ اعلان شايع ڪندو _ضلعي جي ٻوليءَ ۾، انهيءَ تعلقي جي (3)[مختيارڪار] جي دفتر ۾، جتي ڪم جو هنڌ موجود آهي، ۽ انهيءَ هر ننڍي شهر ۽ ڳوٺ ۾، جيڪو (2)[ڪليڪٽر] جي خيال ۾ انهيءَ نوٽيفڪيشن جي ڪري گهٽي ياڳي متاثر ٿيڻو آهي:

(اي) جنهن ۾ ممڪن حد تائين ويجهو تعين ٿيل هوندو، ٻئي درجي جي آبپاشي ڪمن جي فراهميءَ جي وسيلي، ڪيفيت يا حدن جو، جيڪي سيڪشن 73 جي سب سيڪشن (3) هيٺ اعلانيل آهن.

(بي) جنهن ۾ ڄاڻايل هوندو تہ هيءُ حصو ڪم تي لاڳو ٿئي ٿو، جنهن جو اعلان سيڪشن 73 جي سب سيڪشن هيٺ نوٽيفڪيشن جي تاريخ ڪان ڪيو ويو آهي، ۽

---

(1) اي او 1937 ع وسيلي " "B.G.G. جي جاءِ تي آندل.

(2) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

(3) "Mamladar's" لاءِ (30هين مارچ 1951 ع کان) سنڌ جي قانونن (موافقت، نظرثاني، منسوخي ۽ اعلان) آرڊيننس، 1955 ع، (1955 ع جو سنڌ سيڪشن: 5) سيڪشن. 13 وسيلي بدلايل.

(4) اي او 1937 ع وسيلي " "G. in C جي جاءِ تي آندل.

(سي) جنهن ۾ عرصو طئہ ڪيو ويو هجي، جيڪو اهڙي باضابطہ اعلان کان ٽي مهينا گهٽ نہ هجي، ۽ انهيءَ اعلانيل ڪم ۾ ڪنهن حق جي دعوا ڪندڙ هر ڪنهن شخص کي گهرائيندو هجي تہ هو *[ڪليڪٽر] کي انهيءَ عرصي اندر، هڪ لکت ۾ نوٽيس پيش ڪري، يا هن اڳيان پيش پوي ۽ انهيءَ حق جي نوعيت بيان ڪري.

**75. مک ائڪٽ جي خاص سيڪشنن جو لاڳو ٿيڻ:** (1) ٻئي درجي جو آبپاشي ڪم، سيڪشن 3 جي سب سيڪشن (1) جي معنيٰ اندر، هڪ ڪئنال سمجهيو ويندو ۽ اهڙي ڪم تي، جيتري حد تائين ممڪن هجي، هيٺيان سيڪشن ۽ حصا لاڳو ٿيندا، جن جا نالا آهن:

سيڪشن 3، 4، 8، 10، 11، 12، 13، 14، 16، 17، 18، 19، 20، 21، 22، 23، 24، 28، 30، حصو پنجون، حصو اٺون، سيڪشن 61 جي سب سيڪشن (8) کان سواءِ ۽ حصو نائون.

(2) هن حصي جي مقصدن لاءِ، مٿي بيان ڪيل سيڪشن يا حصا، هيٺين تبديلين سان مشروط هوندا:

(i) سيڪشن 16 ۾ لفظ"any" کان اڳ، اڳياڙيءَ طور لفظ "حقن جي رڪارڊ ۾ رڪارڊ ڪنهن بہ حق جي تابع، جيڪي هتان کان تيار يا نظرثاني ڪري پيش ڪيا ويا آهن."

(ii) سيڪشن 17 ۾ لفظ"any" کان اڳ، اڳياڙيءَ طور لفظ "مٿي بيان ڪيل سان مشروط".

(iii) شق (ڊي) لاءِ، سيڪشن 21 ۾، هيٺيون تبديليون ڪيون وينديون:

"(ڊي) پاڻيءَ جي فراهميءَ حاصل ڪرڻ، انهن شرطن تي، جيڪي هتان کان اڳتي تيار ڪري يا نظرثاني ڪري، حقن جي رڪارڊ ۾ بيان ڪيل هجن."

---

** سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012ع (ٻئي ترميم)، (2013ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

(iv) سيڪشن 22 ۾ هيٺئين بندوبست جو واڌارو ڪيو ويندو:
"شرط اهو آهي ته ڪوبه اهڙو خانگي انتظام، هتان ڪان اڳتي تيار ڪري يا نظرثاني ڪري فراهم ٿيندڙ حقن جي رڪارڊ ۾ رڪارڊ ٿيل ڪن پاڻيءَ جي حقن تي اثرانداز نه ٿيندو."

(v) سيڪشن 30 ۾ لفظ "هر معاهدي لاءِ" جي جاءِ تي لفظ "سڀ حق ڏانهن" متبادل طور آندا ويندا، ۽ ساڳيي سيڪشن ۾، لفظ "ملڪيت" ڪان پوءِ لفظ "جيڪي هتان ڪان اڳتي تيار ڪري يا نظرثاني ڪري فراهم ٿيندڙ حقن جي رڪارڊ ۾ رڪارڊ ٿيل آهن" داخل ڪيا ويندا. ساڳيي سيڪشن جو پيراگراف 2 خارج ڪيو ويندو.

(vi) ياڳي پنجين جي سيڪشن 31 ۾ شق (سي) جو بندوبست ۽ آخري پئراگراف خارج ڪيو ويندو.

(vii) ياڳي پنجين جي سيڪشن 34 ۾، لفظ "سيڪشن 6، سيڪشن 7" خارج ڪيا ويندا.

(viii) ياڳي ڏهين جي سيڪشن 67 ۾ "48" جي انگ ڪان پوءِ لفظ "۽ حصو ڏهون" شامل ڪيا ويندا.

**76. حقن جو رڪارڊ وضع ڪرڻ:** جيترو جلد ممڪن هجي، سيڪشن 74، شق (سي) هيٺ (1)[ڪليڪٽر] پاران طئہ ڪيل عرصي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ، ان ڏس ۾ باضابطہ طور بااختيار ڪئنال آفيسرُ، جيڪو هڪ روينيو آفيسر هوندو ۽ (2)[مختيارڪار] جي رتبي کان گهٽ نہ هوندو، ٻئي درجي جي آبپاشي ڪم ۾ ڪنهن حق تي دعوائن جي جاچ ڪندو ۽ انهن ڪي نبيريندو.

(1) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012ع (ٻئي ترميم)، (2013ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: XVIII) سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_اي، تاريخ 19 مارچ 2013ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

(2) "Mamladar's" لاءِ (30هين مارچ 1951ع کان) سنڌ جي قانونن (موافقت، نظرثاني، منسوخي ۽ اعلان) آرڊيننس، 1955ع، (1955ع جو سنڌ سيڪشن: 5) سيڪشن. 13 وسيلي بدلايل.

۽ اهڙي حق جي حد رڪارڊ ڪندو ۽ وقت بوقت *[صوبائي حڪومت] جي آبپاشي حقن جي رڪارڊ، جيڪو هيل تائين سرڪاري رڪارڊن منجهان دريافت جوڳو آهي، پاران مقرر ڪيل آهي، فارم ۾ ترتيب ڏيندو ۽ ان سان گڏ ساڳيي سان ملندڙ جلندڙ ڪنهن شخص جو ثبوت ۽ ٻيو ڪو دستاويزي يا زباني ثبوت، جيڪو واسطيدار ڌريون يا سندس شاهد پيش ڪن، شامل ڪندو.

(2) اهڙو حقن جو رڪارڊ هيٺين معاملن تي ٻڌل هوندو:
(اي) ٻئي درجي جي آبپاشي ڪم جي جي نوعيت ۽ اُن جو ڪو ذيلي ڪم،
(بي) اتي موجود آبپاشيءَ جوڳيون زمينون،
(سي) آبپاشيءَ جي رسم يا اصول،
(ڊي) پاڻيءَ تي حقَ ۽ اُهي حالتون، جن ۾ اهڙا حق ماڻيل آهن، ۽
(اِي) اهڙا ڪي ٻيا معاملا، جيڪي، انهيءَ ڏس ۾، *[صوبائي حڪومت] اصولن وسيلي مقرر ڪري.

77. **ڪئنال آفيسر جا اختيار**:(1) سيڪشن 76 هيٺ انڪوائرين جي مقصدن لاءِ، ڪئنال آفيسرُ پاڻ يا انهيءَ مقصد لاءِ هن پاران اختيار ڏنل ڪو ٻيو ماڻهو، اهڙي ڪم جي لاءِ پرپاسي ۾ موجود ڪنهن زمين ۾ داخل ٿي سگهي ٿو، ۽ ان زمين جي سروي ڪري، نشان لڳائي سگهي ٿو ۽ ان جو نقشو ناهي سگهي ٿو.

(2) 76 سيڪشن ۾ ڪنهن شيءِ جي شامل هئڻ باوجود، جتي هن سيڪشن ۾ ذڪر ڪيل مامرن مان سيني يا ڪنهن هڪ جي باري ۾ ڪوبہ مناسب ثبوت سامهون نٿو اچي تہ ڪئنال آفيسر، جيئن بہ ممڪن ٿي سگهي، متي ڄاڻايل معاملن ڪي ان طريقي نبيريندو ۽ رڪارڊ ڪندو، جيئن ڪيس مناسب لڳي.
78. **حقن جي رڪارڊ جي نظرثاني**: سيڪشن 76 هيٺ تيار ڪيل حقن جي رڪارڊ جي نظرثاني، وقت بوقت ڪئنال

---

* اي او 1937ع وسيلي "G. in C" جي جاءِ تي آندل.

آفيسر ڪندو، جيڪو انهيءَ ڏس ۾ باضابطه طور بااختيار هجي، جيڪو روينيو آفيسر هوندو ۽ (1)[مختيارڪار] جي رتبي کان گهٽ نه هوندو.

79. **حقن جي تبديلي**: جتي ڪئنال آفيسر، هن حصي هيٺ، جنهن، حقن جي رڪارڊ کي تيار يا نظرثاني ڪئي آهي، کي، ٻئي درجي جي آبپاشي ڪمن جي بحال حالت ۾ انتظام کي صحيح نموني خاطر ۾ رکندي، اهو لڳي ته حقن جي رڪارڊ ۾ شامل ڪنهن حق کي، انهيءَ رڪارڊ ٺيل حد تائين عمل ۾ آڻڻ لاءِ جاري نٿو رکي سگهجي ته هو، (وقت بوقت (2)[صوبائي حڪومت] جي مقرر ڪيل اصولن جي ماتحت) ڪنهن حق ۾ پوريءَ طرح يا ان جي حصي ۾ تبديلي آڻيندو _ حقدار کي انهيءَ ڏس ۾ پئسي جي حساب جي حق جي ادائگيءَ وسيلي يا زمين جي عطيي وسيلي يا انهيءَ ڪنهن طريقي سان، جيڪو ان کي مناسب لڳي، ۽ حقن جي رڪارڊ جي انهيءَ موزون طريقي سان، نظرثاني ڪندو.

80. **صوبائي حڪومت جا اختيار جتي پاڻي جي وڌندڙ فاهمي لاءِ ڪم ڪرايا ويا آهن**:انهيءَ واقعي ۾ جڏهن (3)[صوبائي حڪومت] پنهنجي خرچ تي ڪنهن ڪم جي ذميواري کڻي ٿي، جتي ڪنهن ٻئي درجي جي آبپاشي ڪم ۾ پاڻيءَ جي فراهمي، انهيءَ مقدار کان وڌيل آهي، جيڪو هن حصي هيٺ حقن جي رڪارڊ کي تيار ڪرڻ ۽ ان تي نظرثاني ڪرڻ وقت هو، ته ( 2)[صوبائي حڪومت] رڪارڊ ڪيل حقن سان ڪنهن به تعصب کان سواءِ، هدايت ڏئي سگهي ٿي ته انهيءَ واڌو پاڻيءَ جو حق (4)[صوبائي حڪومت] وٽ رهندو ۽ اُهو اهڙي نموني لاڳو ٿيندو، جيئن (3)[صوبائي حڪومت] کي مناسب لڳي ۽ انهيءَ هدايت جي پوئواريءَ ۾ حقن جي رڪارڊ تي نظرثاني ڪئي ويندي.

81. **حقن جي رڪارڊ کي شايع ڪرڻ:** جڏهن حقن جو رڪارڊ، هن حصي هيٺ، تيار ڪيو ويو آهي يا ان تي نظرثاني ڪئي ويئي آهي تہ اهو ضلعي جي ٻوليءَ ۾، انهيءَ تعلقي جي (1)[مختيارڪار] جي دفتر ۾، جتي ڪم جو هنڌ موجود

---

*(1) ( " "Mamladar's لاءِ (30هين مارچ 1951 ع کان) سنڌ جي قانونن (موافقت، نظرثاني، منسوخي ۽ اعلان) آرڊيننس، 1955 ع، (1955 ع جو سنڌ سيڪشن: 5) سيڪشن. 13 وسيلي بدلايل.*

*(2) اي او 1937 ع وسيلي " "G. in Cجي جاءِ تي آندل.*

*(3) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل*

*(4) ڊبليو. پي. اي. او 1964 ع سيڪشن 2، شيڊيول پي ٽي. _ IVبي،وسيلي "دي ڪرائون" جو متبادل جنهن کي اڳي اي. او 1937 وسيلي" وسيلي بدلائي "حڪومت" ڪيو ويو هو.*

آهي، ۽ انهيءَ هر نندي شهر ۽ ڳوٺ ۾شايع ڪيو ويندو، جيڪو (2) [ڪليڪٽر] جي خيال ۾ انهيءَ حقن جي رڪارڊ جي ڪري ٺيو آهي.

82. **متعلقا حقن جي ريڪارڊ ۾ ثبوت طور اندراج**: هن حصي هيٺ تيار ڪيل يا نظرثاني ٿيل حقن جي رڪارڊ ۾ ڪو اندراجُ، رڪارڊ ڪيل معاملن جي حوالي ڪان ڪنهن جهيڙي ۾ ثبوت طور واسطيدار هوندو، ۽ تيستائين درست سمجهيو ويندو، جيستائين ان کي ابتڙ ثابت نہ ڪيو ويو آهي يا ان جي ڪري قانوني طرح نئون اندراج نہ ٿيو آهي.
شرط اهو آهي تہ ڪوبہ اندراج اهڙي نموني نہ ٺاهيو ويندو، جيڪو هن حصي وسيلي (2)[صوبائي حڪومت] کي مليل اختيارن کي محدود ڪندو هجي.

83. (1)**[ڪليڪٽر] کي مقدمي جو نوٽيس ڏنو ويندو**: (1) هن حصي هيٺ تيار ڪيل يا نظرثاني ٿيل ڪنهن حقن جي رڪارڊ ۾ ڪيل اندراج، جيڪو سڌيءَ يا اڻسڌيءَ طرح ڪنهن قانوني سوال لاءِ طلبيو ويو آهي، تي مقدمي يا ڪارروائيءَ جي سلسلي ۾، عدالت، مامرن جي حتمي نبيري کان اڳ، انهيءَ مقدمي يا ڪارروائيءَ جو نوٽيس (1)[ڪليڪٽر] ڏانهن اُماٽيندي. جيڪڏهن اُهو ايئن ڪندي (1)[ڪليڪٽر] وسيلي حرڪت ۾ آندو ويو آهي تہ اهو (3)[صوبائي حڪومت] کي انهيءَ مقدمي يا ڪارروائيءَ ۾ ڌر بڻائيندو.

*(2) صوبائي حڪومت خلاف مقدما:* سب سيڪشن (1) ”۾ ڄاڻايل بندوبست ڪان سواءِ، (4)[صوبائي حڪومت] مٿان انهيءَ ڪنهن شيءِ جي سلسلي ۾ ڪوبہ مقدمو لاڳو نہ ٿيندو، جيڪا (1)[ڪليڪٽر]، ڪئنال آفيسر يا ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ يا (4)[صوبائي حڪومت] ڪي هن حصي هيٺ مليل ڪنهن اختيار هيٺ، (1)[ڪليڪٽر]، ڪئنال آفيسر يا (4)[صوبائي حڪومت] جي حڪمن هيٺ ڪنهن قائم مقام ماڻهوءَ اُڪلايو آهي.

---

*(1) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIII سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

*(2) اي او 1937 ع وسيلي " G. in C" جي جاءِ تي آندل.*

*(3) اي او 1937 ع وسيلي "ڪائونسل ۾ هندستان لاءِ رياست جي سيڪريٽري" جي جاءِ تي آندل.*

*(4) اي او 1937 ع وسيلي "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*

(3) **اپيل ڪرڻ جو مدو:** ڪڪوبہ مقدمو يا قانوني ڪارروائي، جنهن ۾ هن حصي هيٺ تيار ڪيل يا نظرثاني ٿيل حقن جي رڪارڊ جي ڪنهن اندراج کي قانوني سوال هيٺ طلبيو ويو آهي هن حصي هيٺ سڏي يا اڻ سڏي طرح، اُهو خارج سمجهيو ويندو، (جيتوڻيڪ دفاع طور حدبندي مقرر نہ ڪئي ويئي آهي) جيڪڏهن اُهو ڄاڻايل ڪنهن اندراج تي ٻڌل حقن جي رڪارڊ جي تاريخ کان هڪ سال اندر پيش نہ ڪيو ويو آهي، يا حقن جي رڪارڊ ۾ موجود اهڙي اندراج جي حوالي کان، ڪئنال آفيسر خلاف هڪ يا هڪ کان وڌيڪ اپيلون ڪيون ويون آهن، انهيءَ تاريخ کان پوءِ، جنهن تاريخ تي مجاز عدالتي اختياريءَ، هن ڀاڱي جي مطابقت ۾ طئہ ٿيل انداز ۾، حڪم جاري ڪيو هو.

84. **ننڍيون مرمتون سرانجام ڏيڻ جي ذميواري:** هر ڪنهن ٻئي درجي جي آبپاشي ڪم ۾، هيٺ ڏنل مرمتون انهن شخصن کي سرانجام ڏيڻيون پونديون، جن جي مٿان سرانجامي هيٺ ايندڙ سيڪشن وسيلي لاڳو آهي. اِهو چوڻو آهي تہ:

(1) خاص طرح بند جي پوئين پاسي موجود، گسن، ڦيٽن جي نشانن مان نهيل نالين ۽ سوراخن، ۽ اُن جهڙا ٻيا سڀ مرمت جا ڪم ڪرڻ جيڪي بندن جي حفاظت، حوضن، چئنل جي ڪڙن يا ڄاڻايل ٻئي درجي جي آبپاشي ڪم جي ٻين هنڌن لاءِ ضروري هجن.

(2) انهيءَ ڪم مٿان ڪنڌيدار وڻ، جوان وڻن ۽ ساوڪ (گند گاهہ) جي اوسر کان احتياط، جيڪي (ڪم جي) حفاظت لاءِ خطرو پيدا ڪندا هجن يا اهڙي ڪم جي حالت کي ڊڪيندا هجن.

(3) انهن ٻوڙن ۽ ٻوٽن جو تحفظ، جيڪي اهڙي ڪم جي داخلي ٿيڏي سطح جي حفاظت لاءِ پوکيا ويا هجن.

(4) دروازن، فراهميءَ ۽ ورچ وارن چئنلن جي دروازن منجهان لٽ جي صفائي.

(5) بندن ۽ چئنلن جي گند جي صفائي

(85) **واقعي جي ذميواريءَ**:اهڙي ڪم منجهان آباد ٿيندڙ ڪنهن زمين جي حوالي ڪان، پوئين سيڪشن ۾ ڄاڻايل مرمتن ڪي سرانجام ڏيڻ جي ذميواري، اڻ ورهايل زمين جي صورت، زمين جي رکندڙن مٿان، گڏيل نموني ۽ سختيءَ سان، لاڳو سمجهي ويندي،

جيئن ان جي وضاحت (1)[سنڌ] لئنڊ روينيو ڪوڊ، 1879ع (1879ع جي سنڌ V) ۾ ٻنهي صورتن ۾ ڪيل آهي.

86. **حقن ۽ ذميوارين کي لاڳو ڪرڻ جو اختيار**: ڪو اهڙو شخص، جنهن مٿان، هن حصي جي بندوبستن مان ڪنهن به هڪ وسيلي، ڪنهن ٻئي درجي جي آبپاشي ڪم جي، ذميواري لاڳو آهي، هُو اهڙيءَ لاڳو ڪيل ذميواريءَ کي پوري ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا جيڪڏهن ڪو شخصُ، هتان ڪان اڳتي فراهم ڪيل، تيار ۽ نظرثاني ٿيل حقن جي رڪارڊ ۾ رڪارڊ ٿيل ڪنهن حق جي خلاف ورزي ڪري ٿو ته ڪئنال آفيسر ڪيس نوٽيس ڏيندو ته هو پنهنجي ذميواري پوري ڪري يا انهيءَ حق کي خلاف ورزي ڪرڻ ڪان مُڙي وڃي _ انهيءَ عرصي اندر جيڪو نوٽيس ۾ ڄاڻايل هوندو ۽ جيڪو پندرهن ڏينهن ڪان گهٽ نه هوندو، ۽ ناڪاميءَ جي صورت ۾، ڪئنال آفيسر انهيءَ ذميواريءَ جي سرانجاميءَ يا ڄاڻايل حق کي لاڳو ڪرڻ لاءِ ضروري اپاءَ وٺي سگهي ٿو، ۽ انهن تي برداشت ڪيل خرچُ (2)[صوبائي حڪومت] مٿان واجب حساب هوندو، ۽ اُهو لئنڊ روينيو جي بقايائن طور اوڳاڙيءَ جوڳو هوندو.

87. **مرمتن کي انجام ڏيڻ ۾ ناڪاميءَ جي رپورٽ ڪرڻ لاءِ (3)[تپيدار] جو فرض**: ڪنهن ڳوٺ، جنهن جي حدن اندر ٻئي درجي جو آبپاشي ڪم يا ان جو حصو موجود آهي، جي تپيدار جو اِهو فرض آهي ته هو ڪنهن به

غيرضروري دير کان سواءِ، سيڪشن 84 ۾ ذڪر ڪيل مرمتن مان ڪنهن هڪ کي عمل ۾ آڻڻ ۾ ناڪاميءَ يا غفلت جي رپورٽ (4)[مختيارڪار] کي ڏئي.

(88) **قانوني ڪاررواين کان تحفظ ۾ آيل سرڪاري ملازم ۽ ڪجهه ٻيا شخصَ**: ڪنهن سرڪاري ملازم يا هن ائڪٽ هيٺ مقرر ڪيل ڪنهن به شخص خلاف، چڱائيءَ طور يا هن حصي ۾ موجود بندوبستن يا ان هيٺ جوڙيل اصولن جي ڏس ۾ ڪيل ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾، ڪوبه مقدمو، ڪابه ڪارروائي يا ٻيو قانوني عملُ قائم نه ٿيندو.

*(1)"بمبئي" لاءِ (30هين مارچ 1951 ع کان) سنڌ جي قانونن (موافقت، نظرثاني، منسوخي ۽ اعلان) آرڊيننس، 1955 ع، (1955 ع جو سنڌ 5) سيڪشن 3 (i)وسيلي بدلايل. هاڻي ڏسو سنڌ روينيو ائڪٽ، 1967 ع.*

*(2) اي او 1937 ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.*

*(3) )"ٽپيل" لاءِ سنڌ جي قانونن (موافقت، نظرثاني، منسوخي ۽ اعلان) آرڊيننس، 1955 ع، (1955 ع جو سنڌ 5) سيڪشن 13 وسيلي بدلايل.*

*(4) حوالو ساڳيو. "معاملادارس" لاءِ.*

. **قائدا ناهڻ جو اختيار**: (1)[صوبائي حڪومت] وقت بوقت، (2)[سرڪاري گزٽ] ۾ نوٽيفڪيشن وسيلي ۽ پوئين اشاعت کان پوءِ، هيٺين مان سيني يا ڪنهن هڪ جي حوالي کان اصول جوڙي سگهي ٿي:

(i) حقن جي رڪارڊ کي وضع ڪرڻ يا ان جي نظرثاني ڪرڻ جو طريقو.

(ii) ڪنهن به آفيسر جون ڪارروايون، جنهن کان هن حصي جي بندبستن هيٺ تقاضا ڪئي ويئي آهي ته هو ڪنهن معالمي ۾ ڪارروائي ڪري.

(iii) ۽ هن حصي جي بندوبستن کي عمومي طرح عملدرآمد ڪرڻ.

# ڀاڱو يارهون

## لائڊ بئراج جي ڪئنالن وسيلي

## آبپاشيءَ جوڳين خاص زمينن لاءِ خصوصي بندوبست

**90. هن حصي جو لاڳو ٿيڻ.**

هيءُ حصو، پهرئين مرحلي ۾، رڳو لائڊ بئراج جي ڪئنالن وسيلي آبپاشيءَ تي آباد ٿيندڙ زمين تي لاڳو ٿيندو. (1)[صوبائي حڪومت] وقت بوقت، (2)[سرڪاري گزٽ] ۾ نوٽيفڪيشن وسيلي، هن حصي کي سنڌ جي ٻين اهڙن ڪئنالن وسيلي آبپاشيءَ تي سيراب ٿيندڙ زمينن تائين وڌائي سگهي ٿي، جيڪي، اُتان ڪان پاڻيءَ جي وڌيڪ اثرائتي ورڇ لاءِ، وقت بوقت، (5)[تعمير ڪيا وڃن ٿا]، سڌاريا يا ٻيهر تعمير ڪيا وڃن ٿا [* * * * * * * * *](6)

---

*(1) اي او 1937 ع وسيلي "G. in C" جي جاءِ تي آندل.*

*(2) اي او 1937 ع وسيلي "B.G.G." جي جاءِ تي آندل.*

*(3) اصولن ۽ نوٽيڪفيشن لاءِ ڏسو. ايس. ايل. آر. ۽ او.*

*(4) 1931 ع جي سنڌ 14 وسيلي هيءُ سرخي ۽ سيڪشن 90، 91 ۽ 93 داخل ڪيا ويا.*

*(5) 1961 ع جي ڊبليو. پي. آرڊيننس 16، سيڪشن 2 (17هين مارچ 1955 ع کان اثر هيٺ آيل) وسيلي اضافو ڪيل*

*(6) 1957 ع جي ڊبليو. پي، ائڪٽ 16 (14هين آڪٽوبر 1955 ع کان اثر هيٺ آيل) وسيلي خارج ڪيل پهريون بندوبست.*

**91. (1) پاڻيءَ جي فراهميءَ جو وسيلو تبديل ڪرڻ جو اختيار:** جڏهن بہ ڪنهن ڪئنال آفيسر، جيڪو ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي رتبي کان گهٽ نہ هوندو، کي لڳي ٿو تہ پاڻيءَ جي وڌيڪ اثرائتي ورڇ لاءِ ڪنهن زمين جي پاڻيءَ جي فراهميءَ جو وسيلو تبديل ڪرڻ ضروري آهي تہ هو زمين جي مالڪ يا مالڪن کي اهڙو نوٽيس ڏيندو. جيڪڏهن هو ڪنهن موجوده واٽر ڪورس تي زمين جي پاڻيءَ جي فراهميءَ جو وسيلو منتقل ڪرڻ جي تجويز ڏئي ٿو تہ هو انهيءَ واٽر ڪورس جي مالڪ يا مالڪن پڻ سڏيندو ۽ ڪين تجويز ڪيل واٽر ڪورس جي وسيلو يا صفبنديءَ يا تعمير جي حوالي ڪان جيڪڏهن ڪي اعتراض آهن تہ اهي لکت ۾ بيان ڪن.

(2) (i) جيڪڏهن نوٽيس جي تعميل جي ٽيهن ڏينهن اندر ڪوبہ اعتراض نٿو اپري تہ ڪئنال آفيسر، زمين جي پاڻيءَ جي فراهميءَ جي وسيلي کي انهيءَ طريقي سان تبديل ڪندو، جيڪو هو ضروري سمجهي ٿو.

(ii) جيڪڏهن ڄاڻايل ٽيهن ڏينهن اندر اعتراض موصول ٿيا آهن تہ ڪئنال آفيسر (2)[زمين جي مالڪ يا مالڪن ۽ واٽر ڪورس جي مالڪ يا مالڪن] کي ٻڌڻ جو مناسب موقعو ڏيندو، جيڪڏهن ڄاڻايل اعتراض نبرجي ويا آهن تہ انهيءَ مطابقت ۾ پاڻيءَ جي فراهميءَ جو وسيلو تبديل ڪندو.

(iii) جيڪڏهن ڄاڻايل اعتراضن جي سلسلي ۾، ڪئنال آفيسر ۽ (2)[زمين جي مالڪ يا مالڪن ۽ واٽر ڪورس جي ڪورس جي مالڪ يا مالڪن ] وچ ۾ ڪابہ مفاهمت نٿي آهي تہ ڪئنال آفيسر، فوري طرح،

مسئلو (3)[ڪليڪٽر] ڏانهن اُماڻيندو، جنهن جو فيصلو (4)[جيڪو متاثر زمين جي مالڪ يا مالڪن کي ٻڌڻ جي موقعي ڏيڻ کان پوءِ ڏنو ويندو]

(1) 1961 ع جي ڊبليو. پي آرڊيننس، سيڪشن. 2 (1) وسيلي خارج ڪيل ٻيو بندوبست.

(2) "لاڳاپيل زمين" لاءِ 1933 ع جي سنڌ 15، سيڪشن 2 (1) وسيلي بدلايل.

(3) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

(4) 1965 ع جي ڊبليو. پي. آرڊيننس 34، شيڊيول II، سيريل نمبر. 23 وسيلي شامل ڪيل.

جيڪو (1)[ڪمشنر] پاران نظرثانيءَ کان پوءِ جاري ڪيل حڪمن جي تابع هوندو، اُهو تجويز ڪيل پاڻيءَ جي فراهميءَ جي صفبنديءَ ۽ تعمير جي سلسلي ۾ حتمي ۽ فيصلائتو هوندو ۽ ڪنهن به سول ڪورٽ ۾ ان ڪي ڪنهن قانوني سوال لاءِ نه طلبيو ويندو.

[* * * * * * * (3)](2)

**92. نون واٽر ڪورسن جي تعمير ۽ انهن تي ايندڙ لاڳت جي ادائگيءَ لاءِ زمين جي مالڪن جي ذميواري:** (1) جيڪڏهن (3)[* * *] (4) [ڪنهن ڪئنال آفيسر، جيڪو ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي رتبي کان گهٽ نه هوندو] کي لڳي ٿو ته زمين جي آبپاشيءَ لاءِ، موجوده واٽر ڪورسن جي جاءِ تي، (5) [پاڻيءَ جي فراهميءَ جي ڪنهن موجوده ماخذ لاءِ] نوان واٽر ڪورس تعمير ڪرڻ گهرجن ته اُهو هُن لاءِ قانوني عمل هوندو ته هو اُهي واٽر ڪورس ان نموني تعمير ڪري، جيئن هو ضروري سمجهي ٿو.

(6) [شرط اهو هوندو ته هن سب سيڪشن، نوٽيس، اعتراضن، حوالي، ۽ نظرثانيءَ سان لاڳاپيل پوئين سيڪشن جا بندوبست، جيسستائين ممڪن هجي، لاڳو ڪندو، جڻ ته اهڙا واٽر ڪورس هئا، جيڪي ڄاڻايل سيڪشن هيٺ تعمير ڪيا ويئا هئا، ۽]

(7)[وڌيڪ] شرط اهو آهي تہ جيڪڏهن اهڙي زمين جو مالڪُ يا مالڪَ، ڪئنال آفيسر جي اطمينان سان، پنهنجي لاڳت تي، خاص عرصي اندر، اهڙا واٽر ڪورس تعمير ڪرڻ تي راضي ٿين ٿا تہ ڪئنال آفيسر، اهڙي واٽر ڪورس جي

*(1) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

*(2) 1933 ع جي سنڌ 15، سيڪشن 2 (2) وسيلي سب سيڪشن (3) ڪٽيو ويو هو.*

*(3) لفظ "پوئين سيڪشن جي بندوبستن جي پوئواريءَ ۾" ڪٽيا ويا، حوالو ساڳيو. سيڪشن 3 (1) (اي).*

*(4) شامل ڪيو ويو، حوالو ساڳيو. سيڪشن 3 (1) (سي).*

*(5) هيءُ بندوبست شامل ڪيو ويو. حوالو ساڳيو. سيڪشن 3 (1) (ڊي).*

*(6) لفظ "نئون" ڪٽيو ويو. حوالو ساڳيو.*

جي تعمير جي چونڊ، ڄاڻايل مالڪ يا مالڪن کي ڏيندو.]

(2) (2) [سب سيڪشن (1) جي بندوبست ۾ مالڪ يا مالڪن اهڙي ڏنل چونڊ يا آپشن هيٺ] ڪئنال آفيسر جي تسلي يا ذڪر ڪيل عرصي اندر، ڪنهن بہ (1)[اهڙي] واٽر ڪورس کي تعمير ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ جي صورت ۾، (3)[* * *] ڪئنال آفيسرُ (4)[انهيءَ واٽر ڪورس کي مڪمل طرح يا انهيءَ جي حصي کي ٻيهر تعمير يا] تعمير ڪندو، انهيءَ طريقي سان، جيڪو هو ضروري سمجهي ٿو.

(3) اهڙي واٽر ڪورس جي مڪمل ٿيڻ (جيئن اهو سب سيڪشن (1) يا (2) ۾ ڄاڻايل آهي) تي ڪئنال آفيسر اُن زمين جي لاڳاپيل مالڪ يا مالڪن کي نوٽيس ڏيندو، ۽ ڄاڻايل مالڪ يا مالڪن کي ان واٽر ڪورس جو قبضو ڏيندو.

***(4) (5)[(اي) مقامي علائقن ۾ نون واٽر ڪورسن جي تعمير جون لاڳتون:***

اها ڳالهہ ڪئنال آفيسر کي اختيار ڏئي ٿي تہ هو مقامي علائقن، جيڪي هڪ ڪئنال سرشتي وسيلي سيراب ڪيا ويندا آهن ۽ جنهن ۾ سب سيڪشن (1) جي بندوبستن هيٺ واٽر ڪورس مڪمل طرح يا انهن جا ڪي حصا تعمير ڪيا ويڻا آهن يا ڪيا ويا آهن، جي حدن کي طئہ ڪندو، هو اهڙن واٽر ڪورسن جو خرچ طئہ ڪندو يا ان جو تخمينو لڳائيندو، جهڙي بہ صورت هجي، انهن حسابن کي طئہ ڪندو يا انهن جو تخمينو لڳائيندو، جيڪي اهڙن علائقن اندر سيراب ٿيندڙ يا سيراب ڪئي ويندڙ زمين جي مالڪن کان، خرچ ۾ انهن جي حصي طور اوڳاڙيا ويڻا آهن.

. انهن تعمير ٿيندڙ واٽر ڪورسن جي تخميني لڳايل لاڳت، ڪئنال آفيسر، اهڙن واٽر ڪورسن جي حقيقي لاڳت جي بنياد تي طئہ ڪندو. (6)[* * *]

---

(1) 1933 ع جي سنڌ 15، سيڪشن 3 (2) (اي) وسيلي شامل ڪيل.

(2) حوالو ساڳيو. سيڪشن 3 (2) (بي)

(3) لفظ "اِن ڏس ۾" ڪٽيل. حوالو ساڳيو. سيڪشن 3 (2) (سي)

(4) " ساڳيي يا مڪمل يا اتان جي ڪنهن حصي کي ٻيهر تعمير ڪرڻ" جو متبادل، حوالو ساڳيو. سيڪشن 3 (2) (ڊي)

(5) حوالو ساڳيو. سيڪشن 3 (3) (اي) وسيلي اصلي شق (اي) ۽ (بي) لاءِ تبديل ڪيل.

(6) "سيپٽمبر جي 30هين ڏينهن، 1933 ع کان اڳ مقامي علائقن سان تعمير ڪيل" لفظ 1961 ع جي ڊبليو. پي. آرڊيننس 16، سيڪشن 2 (17هين مارچ 1955 ع کان اثر هيٺ آيل) وسيلي اضافو خارج ڪيل.

**وضاحت:** هن سب سيڪشن جي مقصدن لاءِ هڪ ڪئنال سرشتي مان مراد اهڙو ڪئنال آهي، جيڪو سڌيءَ ريت سنڌو درياهہ مان نڪري ٿو، سواءِ نصرت برانچ، جمڙائو، ٿر ۽ هيرل ڪئنالن جي معاملي ۾، جن مان هر هڪ کي ڪئنال سرشتو سمجهيو ويندو.

***(بي) آبپاشيءَ تي آباد ٿيندڙ زمينن مٿان تعمير جي لاڳتن جي ورڇ:*** جڏهن ڪنهن ڪئنال آفيسر، شق (اي) جي بندوبستن جي پوئواريءَ ۾ ڪنهن مقامي ايراضيءَ ۾ واٽر ڪورسن جي تعمير جي لاڳت کي طئہ ڪري ورتو آهي تہ هو اهڙي خرچ کي، آبپاشيءَ تي آباد ٿيندڙ ۽ اڳتي آباد ڪيون ويندڙ زمينن جي تناسب سان ورڇيندو ۽ (1)[سنڌ] لئنڊ روينيو ڪوڊ 1879ع ۾ واضح ڪيل هر سروي نمبر جي زمين جي سلسلي ۾ اهڙي لاڳت جي حساب ۾ ادائگيءَ جوڳي رقم جو اعلان ڪندو ۽ اهڙي نموني طئہ ڪيل رقم، اهڙي زمين تي لاڳو سمجهي ويندي ۽ اُها، هتان کان اڳتي فراهم ڪيل طريقي سان، وقتي طور لاءِ اهڙيءَ زمين جي مالڪ وٽان ادائگيءَ جوڳي ٿيندي (2) [۽ اهڙي سروي نمبر جي سب ڊويزن، اهڙي نموني طئہ ٿيل رقم جي ادائگيءَ ۽ ان تي منافعي لاءِ، سروي نمبر جي زمين جي لاڳو رقم جي ادائگيءَ تي اثرانداز نہ ٿيندي.]:

شرط اهو آهي تہ هن شق جي بندبستن جي پوئواريءَ ۾ اهڙي لاڳت جي ورڇ ۾، اُها جيڪا (3) [حڪومت] سان آگسٽ جي پهرئين ڏينهن 1931ع تي (2)[تعلق رکي ٿي، سا قبضي ڪيل زمين جي اگهہ کان بيٺي،

اهڙي لاڳت جي حساب سان، ڪاٽي ۾ آندي ويندي:

وڌيڪ شرط اهو آهي تہ زمين جي مالڪ يا مالڪن، سب سيڪشن 91 جي بندوبست وسيلي ڏنل چونڊ يا آپشن هيٺ

*(1) "بمبئي" لاءِ (30هين مارچ 1951 ع کان) سنڌ جي قانونن (موافقت، نظرثاني، منسوخي ۽ اعلان) آرڊيننس، 1955 ع، (1955 ع جو سنڌ سيڪشن: 5) وسيلي بدلايل.*

*(2) "۽ ڪوبہ اهڙو سروي نمبر وڌيڪ حصن ۾ نہ ورهايو ويندو، جيستائين اهڙي نموني طئہ ٿيل رقم، وياج سميت اڻ ادا ڪيل رهي ٿي." لاءِ 1939 ع جي سنڌ 6 وسيلي بدلايل.*

*(3) ڊبليو. پي. اي. او 1964 ع سيڪشن 2، شيڊيول پي ٽي _ IVبي، جنهن کي اڳي اي. او 1937 وسيلي "حڪومت" لاءِ تبديل ڪيو هو، وسيلي "Crown" لفظ جي جاءِ تي آندل.*

واٽر ڪورس جو رڳو هڪ حصو تعمير ڪرايو آهي ۽ اهڙي واٽر ڪورس جو باقي حصو ڪئنال آفيسر تعمير ڪرايو آهي ته مالڪ يا مالڪي ڪندڙن پاران تعمير ڪيل تعميري لاڳت اهڙن مالڪن جي حساب ۾ جمع ڪئي ويندي. اهڙي لاڳت ڪئنال آفيسر پاران، شق (اي) جي بندوبستن جي پوئواريءَ ۾ ڪئنال آفيسر وسيلي طئه ڪيل مقامي ايراضيءَ اندر، واٽر ڪورسن جي تعمير جي لاڳت سان بطابقت رکندڙ هوندي ۽ ان سان متناسب هوندي.]

(سي) تعمير (3) [شق (اي) يا (بي) جي بندوبستن جي پوئواريءَ ۾ واٽر ڪورسن جي ٻيهر تعمير]جي لاڳت جي لحاظ کان زمين جي هر ڪنهن مالڪ کان ادائگيءَ جوڳي حساب ڪي طئه ڪرڻ (1) [۽ ان جي اعلان ڪرڻ] کان پوءِ، ڪئنال آفيسر لاڳاپيل زمين جي مالڪ يا مالڪن کي (4) [اهڙو] نوٽيس ڏيندو، جنهن ۾ اطلاع ڏنل هوندو ته [اهڙيءَ لاڳت جي لحاظ کان ادائگيءَ جوڳو حساب] ان تاريخ کان لاڳو ٿي چڪو آهي، جنهن تاريخ کان واٽر ڪورس جو قبضو (6)[اهڙي مالڪ يا مالڪن] کي ڏنو ويو هو ۽ اهو جيڪڏهن ائين خواهش ڪئي ويئي آهي ته (7)[اهڙي مالڪ يا مالڪن] کي لاڳو حساب (8)[هڪجيترين ساليانين ويهن قسطن ۾، ساڍا چار سيڪڙو

(1) *1933 ع جي سنڌ 15، سيڪشن 3 (3) (بي) (i)وسيلي شامل ڪيل.*
(2) *1933 ع جي سنڌ 15، سيڪشن 3 (3) (بي) (ii)وسيلي لفظ "Thus" ختم ڪيل.*
(3) *حوالو ساڳيو. سيڪشن 3 (3) (بي) (iii)وسيلي "واٽر ڪورس" لاءِ بدلايل.*
(4) *سيڪشن 3 (3) (بي) (iv)وسيلي "the" لاءِ بدلايل.*
(5) *سيڪشن 3 (3) (بي) (v)وسيلي "such sum" لاءِ بدلايل*
(6) *سيڪشن 3 (3) (بي) (vi)وسيلي "him and them" جي جاءِ تي آندل*
(7) *سيڪشن 3 (3) (بي) (vii)وسيلي "he or they" جي جاءِ تي آندل.*
(8) *1941 ع جي سنڌ 19، سيڪشن. 2 (i)(پهرين فيبروري 1938 ع کان اثر ۾ آيل) وسيلي*
*"in twenty equal installments payable either annually or at such lesser intervals as may be convenient to such holder or holders together with interest at such rate as may be fixed by the Provincial Government but not exceeding the rate payable by the Provincial Government on its owm borrowings on the date on which the said sum became payable as aforesaid "as amended by Sindh 15 of 1933 s. 3 (3) (b) (viii) and the A, O., 1937."*
*جي جاءِ تي آندل.*

جي اجارت ڏني ويندي. جيڪڏهن ڪنهن اهڙي قسط جي ادائگيءَ ۾ باقيداري ڪئي ويئي آهي ته وياج 6 سيڪڙو جي شرح تي قسط جي رقم تي ساليانو، ادائگيءَ جوڳو هوندو، انهيءَ تاريخ کان، جڏهن ادائگيءَ جي تاريخ جي ڪري قسط ادا نٿي هئي.]

[* * * * * * * * * ] (1)

(ڊي) مالڪ يا مالڪن (4)[* * * ]پاران(2)[شق (سي) هيٺ واجب ڪنهن حساب جي] (3)[۽ سيڪشن 92 اي] هيٺ ڪنهن حساب جي ڪنهن ادائگيءَ ۾ باقيداريءَ جي صورت ۾، حساب سيڪشن 57 هيٺ اوڳاڙيءَ جوڳو هوندو.

(5) زمين جو (5)[مالڪ يا مالڪَن ] جن کي سب سيڪشن (3) جي بندوبستن جي پوئيواريءَ ۾ واٽر ڪورس جو قبضو ڏنو ويو آهي، اُهو اهڙي واٽر ڪورس جو (6)[وارثُ يا وارثَ] هوندا.

[* * * * * * * *](7)

(6) واٽر ڪورس جي تعمير جي لاڳت جي تناسب جي حوالي کان، سب سيڪشن (4) هيٺ ڪئنال آفيسر جي حڪم کان، ڪو به شخص متاثر ٿيو آهي ته هو (8)[ڪليڪٽر] کي هڪ درخواست پيش ڪري سگهي ٿو، جنهن ۾ ڪيس حڪم تي نظرثاني ڪرڻ جو عرض ڪيو وجي، ۽ (8)[ڪليڪٽر] اهڙيءَ جاچ کان پوءِ جيڪا هو ضروري سمجهي ٿو ۽

*(1) 1933ع جي سنڌ 15، سيڪشن 3 (3) (بي) (ix)وسيلي لفظ "شرط اهو آهي ته ڪابه قسط پنجن رپين کان گهٽ نه هوندي." ختم ڪيل.*

*(2) 1933ع جي سنڌ 15، سيڪشن 3 (3) (سي) (i)وسيلي شامل ڪيل.*

*(3) 1941ع جي سنڌ 19، سيڪشن. 2 (ii)(پهرين فيبروري 1938ع کان اثر ۾ آيل) وسيلي شامل ڪيل*

*(4)1933ع جي سنڌ 15، سيڪشن 3 (3) (سي) (ii)وسيلي لفظ "said"ختم ڪيل.*

*(5) حوالو ساڳيو. سيڪشن 3 (4) (اي) وسيلي "هر هڪ مالڪ" لاءِ تبديل ڪيل.*

*(6) حوالو ساڳيو. "an owner"لاءِ تبديل ڪيل.*

*(7) 1933ع جي سنڌ 15، سيڪشن 3 (4) (بي) وسيلي سب سيڪشن (5) لاءِ وضاحت ختم ڪيل.*

*(8) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012ع (ٻئي ترميم)، (2013ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.*

لاڳاپيل ماڻهوءَ کي ٻڌڻ جي مناسب موقعي ڏيڻ کان پوءِ، هو اهڙو حڪم ڏيندو، جيڪو هو صحيح سمجهي ٿو. (1)[ڪليڪٽر] پاران ڏنل حڪم، جيڪو (2)[ڪمشنر] جي نظرثانيءَ سان مشروط هوندو، حتمي ۽ فيصلائتو هوندو، جيستائين ان ۾ ڪا مجاز قانوني اختيار واري سول ڪورٽ تبديلي نٿي ڪري.

(3) [ (7) هن سيڪشن جي بندوبستن هيٺ، ڪنهن واٽر ڪورس جي تعمير کان پوءِ ڪئنال آفيسر کي لڳي ٿو تہ چاٽايل واٽر ڪورس جي صفبنديءَ يا تعمير ۾ ڪنهن وڏيڪ تبديلي ضروري آهي تہ اهڙو عمل، (1) [ڪليڪٽر] جي پوئين منظوريءَ سان هن لاءِ قانوني هوندو تہ هو (4) [صوبائي حڪومت] جي خرچ تي اهڙيون تبديليون عمل ۾ آڻي.

*وضاحت:* هن سيڪشن جي مقصدن لاءِ "واٽر ڪورس تعمير ڪرڻ جي لاڳت" ۾ واٽر ڪورس جي صفبندي ڪرڻ جي لاڳت ۽ ابتدائي ڪمن، جيڪي صفبنديءَ لاءِ ضروري آهن، جي لاڳت شامل هوندي، پر اُها اهم مستطيل ورهاست يا ضمني مستطيل جي لاڳت جي ٻہ پاڱي ٿي حصن کان وڏيڪ شامل نہ هوندي]

**(5)[92 اي. سيڪشن 92 جي سب سيڪشن (4) جي شق (سي) هيٺ حساب تي نظرثاني**: سيڪشن 92 ۾ ڪابہ شيءِ شامل هوندي بہ، صوبائي حڪومت لاءِ اها ڳالهہ قانوني هوندي تہ اُها ڪئنال آفيسر کي، انهيءَ ڏس ۾ پنهنجي پاران جاري ڪيل هدايتن جي پوئواريءَ ۾ سيڪشن 92 جي سب سيڪشن (4) جي شق (سي) هيٺ،

واٽر ڪورسن جي لاڳت جي حساب ۾ واجب ليکي چوڪي تي نظرثاني ڪري، جن جي تعمير يا ٻيهر تعمير فيبروري 1941ع جي پهرئين ڏينهن تي يا ان کان اڳ مڪمل ٿي هئي، جيڪا پوءِ هن سيڪشن ۾ هتان کان اڳتي "ڄاڻايل تاريخ" جي حوالي سان ڏنل آهي:

---

(1) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012ع (ٻئي ترميم)، (2013ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIII سنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IV صفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

(2) حوالو ساڳيو. "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

(3) (2) 1933ع جي سنڌ 15، سيڪشن 3 (5) وسيلي سب سيڪشن (7) ۾ وضاحت شامل ڪيل.

(4) اي او 1937ع وسيلي لفظ "حڪومت" جي جاءِ تي آندل.

(5) (5) 1941ع جي سنڌ 19، سيڪشن. 3 (پهرين فيبروري 1938ع کان اثر ۾ آيل) وسيلي سيڪشن 92 اي شامل ڪيل.

شرط اهو آهي تہ هن سيڪشن هيٺ جاري ڪيل هدايتون ، ڄاڻايل تاريخ کان پوءِ ان لاءِ ذميوار نہ هونديون تہ انهن ۾ ترميم ڪئي وڃي يا انهن ۾ ان تاريخ کانپوءِ واڌارو آندو وڃي.

(2) سب سيڪشن (1) جي بندوبستن جي پوئواريءَ ۾ حساب (sum)تي نظرثاني ڪري کان پوءِ، ڪئنال آفيسر، واجب بيهندڙ حساب جو لاڳاپيل زمين جي مالڪ يا مالڪن کي نوٽيس ڏيندو، (هن سيڪشن ۾ هتان اڳتي جنهن کي "ڄاڻايل حساب" جي حوالي سان آندو ويندو)، جنهن ۾ اطلاع ڏنل هوندو تہ:

(اي) ڄاڻايل حسابُ اهڙو حساب هوندو، جيڪو 92 سيڪشن جي سب سيڪشن (4) جي شق (سي) هيٺ جاري ڪيل نوٽيس ۾ ذڪر ڪيل حساب جي سلسلي ۾، ڄاڻايل تاريخ کان ساليانو ساڍا چار سيڪڙو جي شرح تي سادي منافعي سان گڏ، ادائگيءَ جوڳو هوندو.

(بي) جيڪڏهن ڪابہ ادائگي ڄاڻايل تاريخ کان اڳ ادا ڪئي ويئي آهي تہ ان جو فائدو رکو انهيءَ قسط جي رقم لاءِ ڏنو ويندو، اُهو انهيءَ ادائگيءَ جي رقم تي ٻئي ڪنهن منافعي لاءِ نہ هوندو.

(سي) جيڪڏهن مالڪ يا مالڪ اهڙي خواهش ڪن ٿا تہ هُن يا هنن کي اهڙي اجازت ڏني ويندي تہ هو يا اُهي ڄاڻايل حساب، ويهہ ساليانو برابر قسطن ۾ ادا ڪن، جيڪي ڄاڻايل تاريخ کان شروع ٿينديون ۽ جن مٿان ساڍا چار سيڪڙو ساليانو جو منافعو لاڳو هوندو،

جيستائين ادائگي ٿيندي رهي ٿي. اهڙي ڪنهن حالت ۾ جڏهن رڳو رقم ڄاڻايل تاريخ کان اڳ ادا ڪئي وڃي ته انهيءَ صورت ۾ اُها وياج کان سواءِ قسط يا قسطن، جهڙي به صورت هجي، جي رقم ۾، انهيءَ حڪم ۾، جنهن ۾ قسط يا قسطون واجب آهن، جمع ڪئي ويندي. جيڪڏهن ڪنهن قسط جي ادائگيءَ ۾ باقيداري ڪئي ويئي آهي ته منافعو انهيءَ تاريخ کان ساليانو ساڍا چار سيڪڙو جي شرح تي قسط جي رقم تي واجب الادا هوندو، جنهن تاريخ کان قسط پيارجڻ کان رهجي ويئي هئي.

*[شرط اهو آهي ته رڳو ڪنهن حقيقي سبب کان سواءِ ته اهڙو نوٽيس هن يا هنن کي جاري يا اماڻيو نه ويو هو يا اهو ته اهڙي نوٽيس جي جاري ڪرڻ يا پهچائڻ ۾ بي قاعدگي يا غلطي ٿي ويئي آهي، ڪوبه زمين جو مالڪ يا مالڪَ ان جا اهل نه

(4) * 1943 ع جي سنڌ 11، سيڪشن. 2 (اي) (پهرين فيبروري 1938 ع کان اثر ۾ آيل) وسيلي تبديل ڪيل.

شرط اهو آهي تہ هن سيڪشن هيٺ جاري ڪيل هدايتون ، ڄاڻايل تاريخ کان پوءِ ان لاءِ ذميوار نہ هونديون تہ انهن ۾ ترميم ڪئي وڃي يا انهن ۾ ان تاريخ کانپوءِ واڌارو آندو وڃي.

(2) سب سيڪشن (1) جي بندوبستن جي پوئواريءَ ۾ حساب (sum)تي نظرثاني ڪري کان پوءِ، ڪئنال آفيسر، واجب بيهندڙ حساب جو لاڳاپيل زمين جي مالڪ يا مالڪن کي نوٽيس ڏيندو، (هن سيڪشن ۾ هتان اڳتي جنهن کي "ڄاڻايل حساب" جي حوالي سان آندو ويندو)، جنهن ۾ اطلاع ڏنل هوندو تہ:

(اي) ڄاڻايل حسابُ اهڙو حساب هوندو، جيڪو 92 سيڪشن جي سب سيڪشن (4) جي شق (سي) هيٺ جاري ڪيل نوٽيس ۾ ذڪر ڪيل حساب جي سلسلي ۾، ڄاڻايل تاريخ کان ساليانو ساڍا چار سيڪڙو جي شرح تي سادي منافعي سان گڏ، ادائگيءَ جوڳو هوندو.
(بي) جيڪڏهن ڪابہ ادائگي ڄاڻايل تاريخ کان اڳ ادا ڪئي ويئي آهي تہ ان جو فائدو رڳو انهيءَ قسط جي رقم لاءِ ڏنو ويندو، اُهو انهيءَ ادائگيءَ جي رقم تي ٻئي ڪنهن منافعي لاءِ نہ هوندو.
(سي) جيڪڏهن مالڪ يا مالڪ اهڙي خواهش ڪن ٿا تہ هُن يا هنن کي اهڙي اجازت ڏني ويندي تہ هو يا اُهي ڄاڻايل حساب، ويهہ ساليانو برابر قسطن ۾ ادا ڪن، جيڪي ڄاڻايل تاريخ کان شروع ٿينديون ۽ جن مٿان ساڍا چار سيڪڙو ساليانو جو منافعو لاڳو هوندو،

(4) (1) 1964 ع جي ڊبليو. پي. اي. او. سيڪشن. 2 شيڊيول. حصو IV(بي) وسيلي "صوبي" لاءِ متبادل

(5) (2) سنڌ جي قانونن جي ائڪٽ 2012 ع (ٻئي ترميم)، (2013 ع جي سنڌ ائڪٽ نمبر: (XVIIIسنڌ گورنمينٽ گزٽ، Extr. Pt. IVصفحو نمبر 249_ اي، تاريخ 19 مارچ 2013 ع وسيلي "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

(6) (4) حوالو ساڳيو. "ضلعي آفيسر (روينيو) لفظن جي جاءِ تي آندل.

(7) (5) 1974 ع جي سنڌ ائڪٽ 27، سيڪشن. 2، شيڊيول. وسيلي "سنڌ لاءِ" لفظ خارج ڪيل.

(4) صوبائي حڪومت، سرڪاري گزٽ ۾ نوٽيفڪيشن وسيلي، هن سيڪشن جو اطلاق لاڳو ٿيڻ جي ڪنهن به واٽر ڪورسن تائين وڌائي سگهي ٿي، سواءِ انهن جي، جن جو ذڪر سب سڪشن (1) ۾ ڪيو ويو آهي ۽ هن سيڪشن جا بندوبست پوءِ انهن واٽر ڪورسن تي لاڳو ٿيندا، جن ۾ واسطيدار تاريخن ۽ ٻين تناظرن، منافعي جي تناظرن ڪي ڇڏي، جي حوالي ڪان لازمي تبديليون آنديون ويون آهن، انهن جو ذڪر اهڙي نوٽيفڪيشن ۾ هوندو.

(1)[92 بي] جيڪڏهن سيڪشن 92 اي جي سب سيڪشن (2) هيٺ حساب واجب آهي، اهو ڊسمبر 1942ع جي 31 ڏينهن تي يا ان ڪان اڳ مڪمل ادا ڪيو ويو آهي ته پوءِ ڄاڻايل سب سيڪشن جي شق (اي) ۾ ڄاڻايل هر ڪنهن شيءِ باوجود انهيءَ حساب تي ڪوبه منافعو ادائگيءَ جوڳو نه هوندو.]

**(2)[93. سيڪشنن 91 ۽ 92 ڪي پوئين قانون تحت هلائڻ جو عمل:** سيڪشنن 91 ۽ 92 جي بندوبست (3)[92 سيڪشن جي سب سيڪشن (1) جي بندوبست ڪانسواءِ] عمل ۾ ايندا ۽ جيئن اُهي پهرين جون 1926ع ڪان قابل اثر ۾ رهيا هوندا.

شرط اهو آهي ته پهرين جون 1926ع ۽ (4)[سنڌ] اريگيشن (ترميم) ائڪٽ، 1931ع جي حرڪت ۾ اچڻ جي تاريخ وچ ۾ ڄاڻايل بندوبستن هيٺ ڪئنال آفيسر پاران ڪيل ڪابه شيءِ محض انهيءَ بنياد تي غيرموثر نه هوندي ته ڄاڻايل بندوبستن ۾ مقرر ڪيل طريقيڪار جي پوئواري نه ڪئي ويئي آهي.وڌيڪ شرط اهو آهي ته ڪنهن به واٽر ڪورس يا ڪنهن به ماڻهوءَ ڪي پاڻيءَ جي فراهميءَ جي رڪجڻ لاءِ ڪوبه معاوضو ادا ڪرڻ جوڳو نه هوندو، جنهن فراهميءَ لاءِ هو حقدار بڻايو ويو هو، جيڪڏهن اهڙو رڪجڻُ ڪئنال آفيسر جي، متي ڄاڻايل عرصي دوران 91 سيڪشن جي بندوبستن هيٺ، پاڻيءَ جي فراهميءَ جي وسيلو ڪي تبديل ڪرڻ يا ان ڪي منتقل ڪرڻ جي عمل جي ڪري واقع ٿيو آهي.]

---

(4) (1) * 1943ع جي سنڌ 11، سيڪشن.9 2 (بي) (پهرين فيبروري 1938ع ڪان اثر ۾ آيل) وسيلي سيڪشن 92 بي شامل ڪيل.

(5) (2) 1931ع جي سنڌ 14، سيڪشن. 4 وسيلي شامل ڪيل

(6) (3) 1933 جي سنڌ 15 وسيلي شامل ڪيل

(7) (4)"بمبئي" لاءِ (30هين مارچ 1951ع ڪان) سنڌ جي قانونن (موافقت، نظرثاني، منسوخي ۽ اعلان) آرڊيننس، 1955ع، (1955ع جو سنڌ سيڪشن: 5) سيڪشن. 3 (i)وسيلي بدلايل.

*** خاص حڪمن ۽ منظورين جي موقوفي:** (1) رائج الوقت ڪنهن قانون ۾ شامل ڪنهن شيءِ، ڪنهن فيصلي يا ڪنهن ڪورٽ جي حڪم يا معاهدي هئڻ جي باوجود، مختلف ڪئنالن منجهان، مختلف ماڻهن ڪي، جن جو ذڪر هن آرڊيننس جي شيڊيول ۾ ڪيو ويو آهي، آبپاشيءَ جو پاڻي عطا ڪرڻ جا حڪمَ، منسوخ ۽ ڪالعدم سمجهيا ويندا ۽ ڪوبہ اثر نہ رکندا.

(2) ڪنهن بہ شخص پاران، جيڪو اهڙي منسوخيءَ يا ڪالعدميت وسيلي ڪو نقصان برداشت ڪري ٿو، ڪنهن بہ ازالي جي دعوا نہ ڪئي ويندي ۽ نہ اهو ڪيس ادا ڪرڻ جوڳو هوندو.